پاڪستان ۾ ڇا ٿيندو

خطبات

امير شريعت سيد عطاء الله شاه بخاري رحمة الله عليه

سهيڙيندڙ

حضرت مولانا سيد محمد ڪفيل بخاري

سنڌيڪار

حضرت مولانا ابو محمد چوهاڻ سليم الله سنڌي

فاضل: جامعہ اسلاميہ شمس الهداي ڪولاب جيئل خيرپور ميرس

ڇپائيندڙ

بخاري اڪيڊمي دار بني هاشم

مهربان ڪالوني ملتان

ڪتاب جونالو: پاڪستان ۾ ڇاٿيندو؟
مرتب: حضرت مولانا سيد محمد ڪفيل بخاري
سنڌيڪار: مولانا ابو محمد چوهاڻ سليم الله سنڌي
ڪمپوزر: ابوابوبڪر چوهاڻ
لي آئوٽ: ابو عمر چوهاڻ
ڇاپو پهريون: ۱۴۳۵ھ /2014ء
ڇپائيندڙ: بخاري اڪيڊمي دارِ بني هاشم مهربان ڪالوني، ملتان

ملڻ جا هنڌ

بخاري اڪيڊمي دارِ بني هاشم مهربان ڪالوني، ملتان،
صاحزاده محمد چوهاڻ مدرسہ عربيہ دارالتعليم حماديہ راڄو ڳوٺ ضلع شڪارپور
مولانا مسعود احمد سومرو مڪتبہ ابو خالد شهيد لاڙڪاڻو. مولانا حفيظ الله لاشاري
جامعہ فاروقيہ سکر. قاري حماد الله شيخ مدرسہ عربيہ دارالقرآن مائڪرو ٽاور، سکر.
مولانا رحيم بخش مهر جامع مسجد اقصيٰ لکي غلام شاھ
بخاري ڪتب خانو گهنٽہ گهر سکر
حافظ امير احمد پهوڙ ميرپور برڙو
ماهوار رهبرِ شريعت جامعہ مسجد فاطمہ ڪريم ڪاٽيجز نزد سنڌو دريا نيشنل
هائي وي قاسم آباد حيدر آباد،03000330002

فهرست

پيش لفظ

"پاکستان میں کیا ھو گا"....؟

حضرت امير شريعت سيد عطاء الله شاهه بخاري جي ڪجهه چونڊ ۽ دستياب انهن تقريرن جو مجموعو آهي، جنهن ۾ ان موضوع تي حضرت امير شريعت سيد عطاء الله جن پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۽ پوءِ پنهنجو واضح موقف بيان ڪيو آهي.

مولانا سليم الله چوهاڻ سنڌي منهنجي انهن مهربانن مان آهن، جنهن سان منهنجي ڪا به ملاقات نه آهي، پر حضرت امير شريعت سيد عطاء الله شاهه بخاري سان منهنجي خانداني نسبت جي ڪري مون سان محبت ڪن ٿا. ڪجهه سال اڳ مون کي فون ڪيائين ۽ چيائين ته آئون حضرت امير شريعت جي ان ڪتاب جو سنڌي ترجمو ڪرڻ گهران ٿو. مقصد هي آهي ته سنڌي عوام به انهن تقريرن مان ڀرپور فائدو وٺي سگهي. مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي ۽ کين مطلوب ڪتاب موڪلي ڏنو.

جيئن ته آئون پاڻ سنڌي ٻوليءَ کان مڪمل واقف نه آهيان، البت ٿوري گهڻي پڙهي ۽ سمجهي ويندو آهيان. خبر نه آهي ته ترجمي جو معيار ڪهڙو هوندو. پر هي معلوم ڪري تمام گهڻي خوشي ۽ سرهائي ٿي ته سنڌ جي مشهور عالم دين شيخ الحديث حضرت مولانا محمد رمضان ڦلپوٽو مدظله (ناظم جمعيت علماء اسلام صوبه سنڌ. شيخ الحديث جامعه دارالهديٰ ٺيڙهي) ۽ حضرت مولانا محمد حسين شاهه سجاولي ايڊيٽر ماهوار الفاروق سنڌي جن مطالعو ڪري ترجمي تي نظر ثاني ڪري مٿس تقريظ پڻ لکيائون.

آئون ذاتي طور تي حضرت مولانا محمد رمضان ڦلپوٽو مدظلہ، حضرت مولانا محمد حسين شاھ سجاولي ۽ برادرم مڪرم مولانا سليم الله چوھاڻ جو ٿورائتو آھيان جن امير شريعت جي تقريرن کي عوام تائين پھچائڻ جي ڪوشش ڪئي.

سيد محمد ڪفيل بخاري
(ڏوھٽو امير شريعت)
نائب امير مجلس احرار اسلام پاڪستان

دارِ بني ھاشم ملتان
6 صفر 1438ھجري
7 نومبر 2016ء

انتساب

ڏتڙيل
۽
دوکي کاڌل
مسلمانن
جي نالي

ـ محمد ڪفيل

سنڌيڪار جو منسوب نامو

واديءِ مهراڻ سنڌ جي انهن عظيم سپوتن جي نالي ڪرڻ گهران ٿو جن سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻولي جي خدمت ڪرڻ لاءِ هڪ تمام وڏي ڪيپ تيار ڪئي، منهنجي مراد استادالعلماء شيخ الادباء حضرت مولانا محمد ادريس سنڌي ۽ استادالعلماء مفسر قرآن حضرت مولانا محمد رمضان ڦلپوٽو ۽ شهيد جمعيت حضرت مولانا منيراحمد شاه امروٽي جي دلير ۽ بهادر پٽ حضرت مولانا سيد ولي الله شاه امروٽي جن جي نالي هي قلمي پورهيو ڪرڻ گهران ٿو.

گر قبول افتد زہے عزو شرف

خاڪپاءِ حضرت سنڌي رحہ

سليم الله چوهاڻ بن خدابخش

تقريظ

مصنف ڪتب ڪثيره محقق العصر مفسر قرآن حضرت مولانا

محمد رمضان ڦلپوٽو

شيخ الحديث دارالهديٰ ٺيڙهي، ناظم جعية علماء اسلام صوبہ سنڌ

رَبِّ اشْرَحْ لِي صَدْرِي وَيَسِّرْ لِي أَمْرِي وَاحْلُلْ عُقْدَةً مِّن لِّسَانِي يَفْقَهُوا قَوْلِي

(سورة طه)

ان الحمد لله نحمده و نستعينه و نصلي ونسلم علىٰ رسوله الكريم وعلىٰ آله واصحابه و احبابه واتباعه اجمعين الىٰ يوم الدين امابعدُ!

الحمد لله دين اسلام قيامت تائين قائم ۽ دائم رهڻو آهي. سيدنا رسول الله ﷺ جي امت ۾ هڪ اهڙي جماعت قيامت تائين رهڻي آهي، جيڪا هر دور ۾ حق ۽ صداقت جو هوڪو ڏيندي ۽ هر باطل سان مهاڏو اٽڪائيندي. رسول الله ﷺ فرمايو آهي:

لا يزال طائفة من امتى يظاهرون على الحق حتىٰ يقاتل آخرهم المسيح الدجال.

ترجمو: منهنجي امت مان هڪ جماعت هميشہ اهڙي رهڻي آهي، جيڪي حق تي ظاهر ظهور هوندا. تانجو انهيءَ جماعت جو آخري ٽولو دجال سان جهاد ڪندو.

هر دور ۾ هر ملڪ ۾ حق واريون اهڙيون جماعتون رهيون آهن، جن باطل سان مقابلو ڪيو. الحمد لله بر صغير ۾ حقاني عالمن جي

جماعت اهڙو فريضو سرانجام ڏنو آهي. جڏهن عيسائي انگريز جي بادشاهيءَ ۾ سج نہ لهندو هو. جڏهن مسلمانن جي ازلي ويرين عيسائين جي حڪومت ۽ راڄيءَ جي هتان جا خان, جاگيردار ۽ سرمائيدار بوٽ پالش ڪرڻ پنهنجي لاءِ عزت جو ڪارڻ سمجهندا هئا. جيءُ ها! اهي عيسائي ۽ يهودي جن لاءِ حجاز جي مقدس سرزمين تان گونجيل حق ۽ صداقت جي ابدي آواز قرآن ڪريم اڄ کان پندرهن سؤ سال اڳ وڏي واڪي فاران جي چوٽين تان اعلان ڪري فرمايو هو:

وَلَن تَرْضَىٰ عَنكَ الْيَهُودُ وَلَا النَّصَارَىٰ حَتَّىٰ تَتَّبِعَ مِلَّتَهُمْ

پر حالتن جي هن انڌيري ۽ بي رحم منظر ۾ جيءَ جي جرڪائيندڙ جذبن وارو ڪردار بہ ڳرُ ڪنيو تاريخ جي آسمان تي جڳ مڳ جڳ مڳ ڪري چمڪي رهيو آهي, اهو آهي حقاني عالمن جو ڪردار.......!!

امام المجاهدين سيد تاج محمود امروٽي رحمة الله عليه, حضرت شيخ الهند محمود حسن رحمة الله عليه, امام انقلاب حضرت مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه ۽ جنيد وقت امام الاتقياءِ حضرت سائين حماد الله هاليجوي رحمة الله عليه جن جي قيادت ۽ سيادت ۾ هتان جي هزارين عالمن پرديسي سامراج انگريز سان اکيون اکين ۾ ملائي مهاڏو اٽڪايو. ڪڏهن سنڌ جي سر زمين تان انگريزن تي حملا ڪيا ۽ ڪين للڪاريو تہ ڪڏهن وري هندستان جي سر زمين مقابلي جي ميدان ٻڄڻ جي سعادت حاصل ڪئي.

اڳتي هلي حق ۽ صداقت جي هن قافلي جي قيادت امير شريعت سيد عطاء الله شاهہ بخاري رحمة الله عليه جي هٿن ۾ آئي. جنهن پنهنجي اسلاف جي روايتن جي پاسداري ڪندي انگريز سامراج مقابلي کي جاري ۽ ساري رکيو.

سيد محمد ڪفيل بخاري صاحب امير شريعت جي اهڙين تاريخي تقريرن مان چونڊ ۽ يادگار ٽڪرا نقل ڪري اسان جي نوجوان نسل کي پنهنجن وڏڙن جي عظيم تاريخ کان واقف ڪيو آهي.

اسان جي پياري ساٿي، سنڌي ديني ادب جي اڀرندڙ اديب ۽ ڪيترن ڪتابن جي مصنف ۽ سنڌيڪار محترم مولانا چوهاڻ سليم الله صاحب سنڌي هڙئي املهه ۽ بيش بها ڪتاب کي سنڌي ٻوليءَ جو ويس پهرائي سچ پچ ته هڪ ئي وقت ۾ ٻه ڪارناما سرانجام ڏنا اٿس. هڪ ته سنڌي ديني ادب ۾ هڪ شاندار ۽ جاندار سوکڙي جو اضافو ڪيو اٿس ۽ ساڳي وقت هن ملڪ جي هڪ زنده جاويد ڪردار کي تاريخ جي صفحن ۾ سانڍي، ايندڙ نسلن لاءِ رهنمائي پڻ فراهم ڪئي اٿس.

دعا آهي ته الله تعاليٰ سنڌيڪار جي هن سونهري سعي کي قبوليت ۽ مقبوليت جي شرف سان نوازي، ۽ اسان سڀني مسلمانن لاءِ هن ڪتاب کي لاڀائتو ۽ سڦلائتو بڻائي. جيئن اسين حقاني عالمن جي نقش قدم تي هلي حق ۽ صداقت جا پانڌيئڙا بڻجون ۽ هن ملڪ جي ڏتڙيل، چچريل، ڏهڪايل، مجبور ۽ مظلوم عوام جي اهنجن، ايذائن، ڏکن ڏاکڙن ۽ مايوس ۽ محرومين کي ختم ڪرڻ يا گهٽ ڪرڻ ۾ پنهنجو شرعي، اخلاقي ۽ انسان دوست ڪردار ادا ڪري سگهون.

وما ذلك على الله بعزيز

محمد رمضان ڦلپوٽو عفا الله عنه
خادم
مدرسه عربيه دارالعلوم حماديه
ڳوٺ باگو ڦلپوٽو نزد پير جو ڳوٺ،
تحصيل ڪنگري ضلع خيرپور ميرس

21 ربيع الثاني 1437هجري
31 جنوري 2016ء
ليلة الاثنين

تقريظ

حضرت مولانا محمد حسين شاھ سجاولي
ايڊيٽر ماهوار الفاروق ڪراچي

امير شريعت مولانا سيد عطاء الله شاھ بخاريؒ ايشيا جو وڏو خطيب، مشهور عالم دين ۽ مجاهدِ اسلام هو. سندس دور ۾ سندس ساٿي امام الهند ابو الڪلام آزادؒ ۽ آغا شورش ڪاشميريؒ به خطابت ۾ مشهور هئا. مگر فرق هي هو ته حضرت شاھ صاحب وڏو خطيب ۽ عالم هو ۽ مولانا ابوالڪلام آزادؒ خطيب سان گڏ اردو زبان جو وڏو نامور اديب ۽ شاعر هو ته آغا شورش ڪاشميريؒ خطابت سان گڏ نامور اديب، شاعر ۽ صحافي هو.

سيد عطاء الله شاھ بخاريؒ صاحبِ بصيرت عالم هو. پاڪستان کان اڳ پاڻ جيڪي ڪجھ اڳ ڪٿيون ۽ خدشا ظاهر ڪيا هئا، اهي اڄ سؤ فيصد سچ ثابت ٿيا آهن. انهن ڳالهين کي سندن ڏوهٽي هن مختصر ڪتاب ۾ ڪجھ ڳالهيون لکيون آهن، جن مان ڪي ته اهڙيون آهن جيڪي اڄ ڏينهن تائين اڳ ۾ ڏسڻ ۾ نه آيون آهن، جن مان هڪ هي به آهي ته باني پاڪستان حلف نامي ۾ برطانيه جي بادشاھ سان به وفاداريءَ جو وعدو ڪيو آهي ته ان جي حڪم مطابق پاڪستان ۾ ڪم ڪندس. اهڙي طرح ٻيون به ڳالهيون آهن. ڪتاب اردو ٻوليءَ ۾ آهي ان جو ترجمو مشهور ڪالم نگار نوجوان عالم دين مولانا سليم الله چوهاڻ صاحب ڪيو آهي، موصوف هن کان اڳ به ڪافي ڪتاب ترجمو ڪيا آهن. اميد ته هن ڪتاب جو ترجمو

بہ سنڌي ادب ۾ پنهنجي جڳہ والاريندو ۽ مولانا سليم الله چوهاڻ بہ اميد تہ اڳتي هلي اهڙا قيمتي ۽ اڻ لڀ ڪتاب ترجمو ڪندو رهندو. الله تعاليٰ هن ڪوشش کي قبول فرمائي.

فقط محمد حسين شاه

دفتر الفاروق جامعہ فاروقيہ
شاه فيصل ٽاؤن ڪراچي

6 شوال 1436هجري
مطابق 13گسٽ 2014ء

سنڌيڪار پاران

حضرت امير شريعت سيد عطاء الله شاهه بخاري رحمة الله عليه پنهنجي دور جو وڏو عالم دين، تقرير جي ميدان جو شهسوار، ماهر ۽ نبض شناس عالم دين هو. سندن شخصيت، ڪردار افڪار تي مختلف ناليوارن ليکڪن گهڻو لکيو آهي. اهڙي طرح سندن يادگار تقريرون ڪي به سهيڙي سوڏي سموهي ۽ سنواري ڪتابي صورت ۾ پڻ شايع ڪيون ويون آهن. سندن يادگار تقريرن جو مجموعو "پاکستان میں کیا ہو گا" مولانا محمد ڪفيل بخاري مدظله جن ڇپرائي شاهه صاحب جي مداحن تي احسان ڪيو آهي.

ضرورت هئي ان بي بها، قيمتي ۽ ناياب ڪتاب جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو وڃي.

مولانا محمد ڪفيل صاحب بخاري مدظله جن مون کي حڪم ڪيو ته ان ڪتاب جو آئون سنڌي ويس پهرايان. مون سندن حڪم جي تعميل ڪندي پنهنجي وس آهر هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو ڪيو آهي، جيئن حضرت امير شريعت سيد عطاء الله شاهه بخاري رحمة الله عليه جي تقريرن مان سنڌي عوام به ڀرپور فائدو وٺي سگهي.

ترجمو ڪيئن آهي معياري آهي يا نه، ان بابت آئون ڪا به دعويٰ نٿو ڪريان، هي فيصلو پڙهندڙن تي ڇڏيان ٿو. البت ايترو ضرور آهي سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ تاريخي ۽ ادبي ڪتاب جو واڌارو ضرور ٿيو. جيڪا سنڌي ٻوليءَ جي ادب جي پڻ خدمت آهي.

پڙهندڙن جي راين ۽ تبصرن جو ڀرپور انتظار رهندو.

ان شاء الله اڳتي به اهڙا ڪتاب آڻيندو رهندس.

فقط خاڪپاءِ حضرت امام سنڌي رحمة الله عليه

ابو محمد چوهاڻ سليم الله سنڌي

ڊائريڪٽر عبيد الله سنڌي اڪيڊمي راڄو ڳوٺ

٦/ رجب المرجب ١٤٣٥ھ

6/ مئي 2014ء

03043015260

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

منھنجو آزاديءَ جو نسب نامو

آئون سوئرن جي ان ڌڻ کي چارڻ لاءِ تيار آهيان جيڪو برٽش امپليزم جي پوک کي لتاڙي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏي، آئون ڪجهه به نٿو چاهيان، هڪ فقير آهيان، پنھنجي ناني حضرت محمد ﷺ جي دين تي قربان ٿيڻ چاهيا ٿو ۽ ڪجهه گهران ٿو ته فقط هن ملڪ مان انگريز هليو وڃي. به ئي خواهشون اٿم. منھنجي زندگيءَ ۾ هي ملڪ آزد ٿي وڃي يا آئون ڦاهيءَ تي چاڙهيو وڃان.

آئون انهن حقاني عالمن جو جهنڊو کڻي ڦران ٿو جيڪي 1857ء ۾ فرنگين جي اگهاڙي تلوار جو شڪار ٿيا هئا. الله تعاليٰ جو قسم کڻي چوان ٿو ته مون کي هن جي ڪا به پرواهه ڪونهي ته ماڻهو منھنجي باري ۾ ڇا سوچيندا. ماڻهن ته پهريون ڪڏهن ڪنهن سرفروش جي باري ۾ صحيح ۽ نيڪ سوچيو آهي. هو ته شروع کان ئي تماشائي آهن ۽ تماشو ڏسڻ جا عادي آهن. آئون هن سرزمين تي مجدد الف ثاني رحمة الله عليه جو سپاهي آهيان، شاهه ولي الله رحمة الله عليه ۽ سندس خاندان جو تابعدار آهيان. سيد احمد شهيد رحمة الله عليه جي غيرت جو نالو وٺندڙ آهيان ۽ شاهه اسماعيل شهيد رحمة الله عليه جي جرئت جو پاٽي ڏيندڙ آهيان. آئون انهن پنجن سازش وارن ڪيسن ۾ امت جي نيڪن جن جي پيرن ۾ زنجير پيل هيون انهن جي لشڪر جو هڪ خدمت گذار آهيان جن کي حق جي پاداش ۾ عمر قيد ۽ موت جون سزائون ڏنيون ويون. هاها! آئون انهن جي نشاني آهيان، انهن جو نتيجو آهيان. منھنجي رڳن ۾ رت نه بلڪ

باھ پڙڪي رهي آهي. آئون وڏي واڪي چوان ٿو تہ آئون محمد قاسم نانوتويؒ جو جهنڊو کڻي نڪتو آهيان. مون شيخ الهندؒ جي نقش قدم تي هلڻ جو قسم کنيو آهي. آئون سچي زندگي انهيءَ گس تي هلندو رهان ٿو ۽ هلندو رهندس. منهنجو ان کان سواءِ ٻيو ڪو بہ موقف ڪونهي. منهنجو هڪ ئي نصب العين آهي ۽ اهو آهي برطانوي سامرج کي ڪفن ڏيڻ يا دفن ڪرڻ.

هر ماڻهو پنهنجو شجرو نسب رکي ٿو. منهنجو اهو ئي شجرو نسب آهي. آئون ڳاٺ اوچو ڪري فخر سان چوان ٿو تہ آئون انهيءَ خاندان جو هڪ فرد آهيان.

(لاهور 23/مارچ 1939ء)
(هفت روزه "چٽان" لاهور, سالنامہ جنوري 1962ء)

حرف اول

هندستان کان انگريزي راج جي مڪمل خاتمي لاءِ ڪانگريس، مسلم ليگ، جمعيت علماءِ هند ۽ مجلس احرار اسلام کان سواءِ ڪيترييون ئي جماعتون آزاديءَ جي جدوجهد ۾ سرگرم هيون. ڪانگريس وڏي سياسي جماعت هئي پر ان ۾شامل ڪي متعصب هندو ليڊرن جون پاليسيون مسلم دشمني تي جڙيل هيون. جنهن ڪري مسلمانن سان نا انصافي ۽ انهن جي حق تلفي ٿيندي رهي. مسلم ليگ تي وڏيرن ۽ جاگيردارن جو قبضو هو. ليگي رهنمائن جي گهڻائي انگريز جي خطاب يافته سرن ۽ خان بهادر تي مشتمل هئي. مسلم ليگ، مسلمانن جي اڪيلي نمائنده جماعت جي دعويدار هئي ۽ ڪنهن به ٻي جماعت کي مسلمانن جي نمائندگي جو حق ڏيڻ لاءِ تيار نه هئي. جمعيت علماءِ هند حقاني عالمن جي جماعت هئي ۽ مسلمانن جي مذهبي طبقن جي نمائندگي ڪري رهي هئي. سياست ۾ ڪانگريس جي طرفدار هئي. جمعيت علماءِ هند ڪيترن ئي موقعن تي ڪانگريس سان اختلاف به ڪيو. پر هي اختلاف ۽ احتجاج ڪارائتو ثابت نه ٿيو. عالمن آزديءَ جي جدو جهد ۾ اڻ ڪٿ قربانيون ڏنيون، قيد ۽ جيل جون تڪليفون سٺيون ۽ آزديءَ جي تحريڪ ۾ مسلمانن جي رهنمائي ڪئي.

مجلس احرار اسلام وچولي طبقي جي سياسي جماعت هئي. ان ۾عالم به هئا ۽ جديد تعليم يافته به هئا. سياست سان گڏو گڏ احرار جي هڪ ديني سڃاڻپ به هئي. انگريزي استعمار ۽ ان جي پاليل چاڙتي قاديانيت جي پاڙ پٽڻ احرار جونصب العين هو.

تحريڪ خلافت پڄاڻي ٿي تہ پنجاب ۾ تحريڪ جا رهنماءُ گڏ ٿيا. انهن امير شريعت حضرت مولانا سيد عطاء الله شاه بخاري رحمة الله عليه جي اڳواڻيءَ ۾ 29/ڊسمبر 1929ء جو“مجلس احرار اسلام” جي نالي هڪ مستقل سياسي جماعت جي ٺاهڻ جو اعلان ڪيو. حضرت مولاناحبيب الرحمن لڌيانوي رحمة الله عليه چوڌري فضل حق رحمة الله عليه، شيخ حسام الدين رحمة الله عليه، غازي عبدالرحمن رحمة الله عليه، مولاناسيد محمد دائود رحمة الله عليه ۽ مولانا مظهر علي اظهر رحمة الله عليه مجلس احرار جي باني رهنمائن ۾ شمار ٿين ٿا.

آزادي حاصل ڪرڻ جي جدو جهد ۾ مجلس احراراسلام جو شمار پهرئين صف جي قرباني ڏيندڙ جماعت ۾ٿئي ٿو. هندستان جي آزاديءَ جي لاءِ ڪانگريس جي طرفدار بہ رهي ۽ هڪ ڊزن کان وڌيڪ تحريڪون هلايون. احرار جي رهنمائن ۽ ڪارڪنن ڏکيون جيلون ڪاٽيون ۽ آزاديءَ جي لاءِ هر تڪليف کي مرڪندي قبول ڪيو.

مجلس احرار اسلام هندستان جي مڪمل آزادي، وفاق جي قيام، صوبائي خود مختياري ۽ آزادي کان پوءِ حڪومت ۾ هندو مسلم برابر نمائندگي جي علمبردار هئي. آزاديءَ جي جنگ ڪاميابي جي آخري مرحلي ۾ هئي تہ مسلم ليگ مارچ 1940ء ۾ لاهور ۾ قرار داد پاڪستان منظور ڪري هندستان جي سياسي فضا ۾ زبردست ٽرٿلو پيدا ڪري ڇڏيو. ٻہ قومي نظريي جي بنياد تي هندستان کي ورهائي مسلمانن جي لاءِ “پاڪستان” جي نالي سان هڪ جدا ملڪ ٺاهڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو. مجلس احرار اسلام انهيءَ ورهاست جي حق ۾ نہ هئي. مسلمانن جي اڪثريتي علائقن ۾ مسلمانن جي حڪومت ۽ صوبائي خودمختياري جي حق ۾ هئي. مسلم ليگ جي پاڪستان واري مطالبي تي سڄي هندستان ۾ بحث ۽ مباحثا شروع ٿي ويا. ڪانگريس ۽ جمعيت علماءِ هند پنهنجو پنهنجو موقف قوم آڏو پيش ڪيو. جڏهن تہ مجلس احرار اسلام جمعيت علماءِ هند جي موقف جي معمولي مٽ سٽ سان حمايت ڪئي. نيشنلسٽ جماعتن جي مقابلي ۾ قوم جي اڪثريت مسلم ليگ جي حق ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو ۽ پاڪستان ٺهي ويو. امير شريعت سيد عطاء الله شاه بخاري رحمة الله عليه سميت مجلس احرار

اسلام جا اڪثر رهنماءَ پاڪستان ۾ رهجي ويا. انهن سچي دل سان پاڪستان کي مجيو ۽ پنهنجون سڀ صلاحيتون ۽ سرگرميون پاڪستان جي حفاظت لاءِ وقف ڪري ڇڏيون.

افسوس هن ڳالهہ جو آهي تہ پاڪستان جي ٺهڻ کان 62 سال پوءِ بہ ڪي اڻوجهہ ماڻهو مجلس احرار اسلام جي وڏن جي خلاف زبان ۽ قلم مان زهر اوڳاڇي رهيا آهن ۽ هن وقت تائين انهيءَ بحث ۾ ڦاٿل آهن تہ ڪهڙي پاڪستان جي ٺهڻ جي مخالفت ڪئي هئي ۽ ڪهڙي حمايت ڪئي هئي. هي بحث نہ نئين نسل جو موضوع آهي ۽ نہ وري ان جي ضرورت آهي، پر اجائي بحث ۾ پئجي وقت ضايع ڪن ٿا. حالانڪ هن وقت پاڪستان کي بچائڻ، مظبوط ڪرڻ ۽ ان جي بقا جي لاءِ قوم کي گڏ ڪري پنهنجون سڀ صلاحيتون استعمال ڪرڻ جي ضرورت آهي.

دوستن جو تمام گهڻو اصرار هو تہ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۽ پوءِ، مجلس احرار اسلام جو موقف بناڪانئ چانئ جي پيش ڪيو وڃي جيئن حق ۽ سچ نکري اڳيان اچي.

بانيءِ احرار، امير شريعت سيد عطاء الله شاه بخاريؒ جن پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۽ پوءِ پنهنجي سوين تقريرن ۾ ۽ نجي مجلسن ۾ گهڻو ڪجهہ ڳالهايو. سندن تقريرون ان وقت جي اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿينديون رهيون. شاه صاحب جي سوانح نگارن، خان غازي ڪابليؒ، شورش ڪاشميريؒ، جانباز مرزاؒ ۽ ٻين تذڪره نگارن بہ پنهنجي پنهنجي ڪتابن ۾ گهڻو ڪجهہ آندو آهي. اسان جو خاص دوست محترم ڊاڪٽر زاهد منير عامر هن موضوع تي هڪ مستقل ڪتاب "سىد عطاء الله شاه بخارى رحه اور پاکستان" گهڻو اڳ لکي چڪو آهي.

شاه صاحب جي شخصيت تي نواب زاده نصر الله خان جو هڪ جامع مضمون هن ڪتاب جي منڍ ۾ شامل آهي جيڪو هن لحاظ کان بہ نهايت اهم آهي تہ نواب صاحب مرحوم تحريڪ آزديءَ ۾ شاه صاحب جو ساٿي ۽ احرار جي قافلي ۾ شامل هو.

هن عنوان تي مستند مآخذن مان مون کي جيڪو مليو آهي، ڪوشش ڪئي آهي ته ان کي بنا تبصري جي پڙهندڙن جي آڏو پيش ڪيو وڃي، جيئن 14/ اگست 1947ء جي آزاديءَ جي پرواني جي پس منظر ۾ پيش منظر کي سمجهڻ ۾ صحيح راءِ قائم ڪرڻ ۾ نئين نسل جي صحيح رهنمائي ٿي سگهي.

سيد محمد ڪفيل بخاري

ڊپٽي سيڪريٽري جنرل مجلس احرار اسلام پاڪستان
دار بني هاشم، ملتان (14/ اگست 2009ء)

امير شريعت هڪ همه گير شخصيت

نواب زاده نصر الله خان مرحوم
اڳوڻو: سڪريٽري جنرل مجلس احرار اسلام هند

امير شريعت سيد عطاء الله شاه بخاريؒ، همہ گير شخصيت جو مالڪ هو. هو هڪ ئي وقت عالم دين، شعلہ بيان خطيب ۽ بر عظيم ۾ آزاديءَ جي جدوجهد جي پهرين صف جو رهنماءُ هو. پاڻ تحريڪ آزاديءَ سان گڏ گهڻو ڪري سڄي هندستان ۾ خاص ڪري پنجاب، سنڌ ۽ اڳوڻي رياست بهاولپورجي علائقن جي مسلمانن ۾ پراڻين رسمن، ريتن، رواجن وهم پرستي جي خلاف جدوجهد ڪئي. انهن علائقن ۾ ان جاگير دار طبقي جي ڪلم ڪلا مخالفت ڪئي جنهن برطانوي سامراج جا پير مظبوط ڪيا. ان ڪان انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ پنجاب، سنڌ، صوبي سرحد ۾ برطانوي حڪمرانن جي خلاف عام راءِ کي بيدار ڪرڻ ۽ ان سان مهاڏو اٽڪائڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ ۾ امير شريعت سيد عطاء الله شاه بخاريؒ جو وڏو ڪردار آهي. اهڙي طرح شاه صاحب ختم نبوت جي اهميت ۽ نزاڪت سان ملت ۽ خاص طور تي جديد تعليم يافتہ طبقي کي روشناس ڪرايو. قاديانيت جي فتني جي ان مذموم مقصد کي واڪو ڪيو جن جي حاصل ڪرڻ لاءِ ان خاص گروهہ کي وجود ۾ آندو ويو هو. شاه صاحب ختم نبوت جي مسئلي جي لاءِ جيڪو ڪم ڪيو هي انهيءَ جو نتيجو آهي تہ هر مسلمان ان مسئلي کان چڱي طرح آگاهہ ٿي چڪو آهي. هي

نهايت ئي افسوس جي ڳالهه آهي تہ هندستان جي آزاديءَ لاءِ مسلمانن جدوجهد ڪئي ۽ بي مثال قربانيون ڏنيون انهن کي ڪجهه سببن جي ڪري وساريو ويو. يا هڪ طبقي ان جي اهميت کي نظر انداز ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مستقبل جو تاريخدان جڏهن بہ آزاديءَ جي تحريڪ تي لکندو تہ انهن مسلمانن جي اڳواڻن ۽ مسلمان قوم جي قربانين کي يقينا اجاگر ڪندو ۽ انهن جي بي لوث خدمتن جي ضرور واکاڻ ڪندو. چاڪاڻ تہ ان کان سواءِ بر عظيم جي تحريڪن جو ذڪر اڻ پورو ٿي ويندو. شاهه صاحب ۽ سندس ساٿين برطانوي سامراج کي ملڪ مان تڙي ڪڍڻ ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪيو اهو تاريخي حيثيت رکي ٿو. مولانا ابوالڪلام آزادؒ، مفتي ڪفايت اللهؒ، مولانا احمد سعيد دهلويؒ، مولانا محمد علي جوهرؒ، سيد عطاء الله شاهه بخاريؒ ۽ ٻين عالمن بجلي بڻجي برطانوي حڪمرانن جي ايوان تي ڪڙڪيا. انهن سامراج جي چاپلوسي ڪندڙ مسلمان جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جي خلاف عام آواز اٿاريو. هي انهيءَ تحريڪ جو نتيجو هو جيڪو جليانوالہ باغ ۽ قصہ خواني بازار ۾ مسلمانن، هندوئن ۽ سکن کان وڏيڪ قربانيون ڏنيون. شهادت جو اعليٰ مرتبو ماڻيو. آزاديءَ جي تحريڪ کي همت ملي ۽ ان کي اڳتي وڌايو. ان جي باري ۾ بہ رايا نٽا ٿي سگهن تہ اسلاميانِ هند ۽ پاڪ ۾ آزاديءَ جو شعور پيدا ڪرڻ ۾ سڀ کان وڏيڪ ڪردار عالمن جو هو. ويهين صديءَ جي شروع ۾ آزاديءَ جي تحريڪن ۾ مولانا محمود حسنؒ، مولانا ابوالڪلام آزادؒ ۽ سندن ساٿين ۽ ان کان پوءِ حڪيم اجمل خانؒ، ڊاڪٽر مختار احمد انصاريؒ، مولانا ظفر علي خانؒ ۽ امت جي اڳواڻن جي نشاة ثانيہ ۽ ان جي ڪردارجي تعميل ۽ تشڪيل ۾ وڏ کان وڏ حصو ورتو.

امير شريعت سيد عطاءالله شاهه بخاريؒ سڀ کان وڏو خطيب، مسلمانن جي هڪ وڏي طبقي ۾ تمام گهڻو مقبول ۽ هر دلعزيز مسلمان رهنماءُ هو. پر ان ۾ غرور ۽ فخر جو معمولي جذبو بہ نہ هو. سندن زندگي نهايت ئي سادي ۽ درويشانہ هئي. هو پنهنجي ڪارڪنن سان تمام

گهڻو پيار ۽ شفقت ڪندا هئا. انهن پنهنجي ساٿين ڪي اميري ۽ غريبيءَ جي بنا فرق جي قومي زندگي ۾ نمايان ڪرڻ ۽ اڳتي آڻڻ جي هميشه ڪوشش ڪئي ۽ انهن هر ممڪن حوصلہ افزائي ڪئي. اهو ئي سبب هو جو مجلس احرار اسلام سوين مقرر ۽ هزارين بي لوث، بي غرض ۽ همت وارا ڪارڪن پيدا ڪيا. جنهن جو منطقي نتيجو هي نڪتو تہ ملڪ جي ورهاست کان اڳ نئين قيادت جي ايتري کوٽ محسوس نہ ڪئي وئي جيتري هاڻي محسوس ٿي رهي آهي. جيڪڏهن پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اقتدار ۾ جماعتون پنهنجي مخالفن کي گارين جو نشانو نہ بڻائين ها ۽ سياست جي ميدان ۾ قدم رکندڙن سان بد سلوڪي نہ ڪن ها تہ اڄ صورتحال مختلف هجي ها. نئين قيادت جي اسرڻ جا دروازا ائين بند نہ ٿين ها.

سيد عطاالله شاه بخاريؒ اقتدار ۾ رهندڙ طبقي جي رعب ۽ دٻدٻي ۽ سرمائيداريءَ جي اثر کان هر وقت بي نياز رهيا. پاڻ پنهنجي سڄي زندگيءَ ۾ ڪنهن انگريز حڪمران سان ملڻ يا ان جو قرب حاصل ڪرڻ جي معمولي ڪوشش بہ نہ ڪئي. جيڪي شاه صاحب سان مليا هوندا اهي سندن ايثار، استغناء ۽ خود داري جي شاهدي ڏئي سگهن ٿا.

خلافت عثمانيہ جيڪا ان وقت هڪ حد تائين اسلاميانِ عالم جو عقيدت جو مرڪز هئي، جي خلاف انگريز سازشون شروع ڪيون. جنهن جي نتيجي ۾ جنگ بلقان، جنگ طرابلس ۽ پهرين جنگ عظيم ۾ ڪرنل لارنس عرب اڳواڻن کي ترڪين جي خلاف پنهنجي استعماري مفاد جي لاءِ استعمال ڪيو. ۽ هندستان ۾ بہ هن ساڍا نو سؤ سال مسلمان حڪومت جي باقي رهيل نشانين کي جيئن ختم ڪيو. شاه صاحب ان مان تمام گهڻو ڏکارو ٿيو هو. انگريز جي انهن اسلام دشمن اقدامن شاه صاحب جي دل ۾ باه ڀڙڪائي ڇڏي هئي. سندن انگريز سان نفرت جو هي حال هو جو ان جو وجود تہ هڪ پاسي رهيو نالو بہ برداشت نہ ڪري سگهندا هئا. هي اهو دور هو جڏهن رياستن جا مسلمان حڪمران خاص ڪري پنجاب جي مسلمان وزير ۽ اڳواڻ

انگريزن جو لاڏلو پٽ سڏائڻ پنهنجي لاءِ فخر ۽ سعادت جو سبب سمجهندا هئا. اهڙي ماحول ۾ مسلمان عوام کي انگريزن ۽ ان جي چاپلوسي اڳواٽن جي اثر کان آزاد ڪري ڪين آزاديءَ جي رستي تي هلائڻ ۾ شاهه صاحب جو وڏو حصو آهي.

شاهه صاحب انگريز جي خلاف ان وقت بغاوت جو آواز اٿاريو جڏهن پنجاب ۾ جاگيردار ۽ انگريز جا خوشامدي حاڪم هئا. سر سڪندر حيات پنجاب جو وزير اعظم هو. پنجاب ۾ ان جي مرضي کان سواءِ ڪير به ڪجهه به ڪري نه سگهندو هو پر شاهه صاحب جي مومنانه للڪار سڪندر حيات جي اقتدار کي لوڏي ڇڏيو.

پاڻ پنجاب جي غريب عوام جي ذهنن ۾انگريز سامراج جي خلاف بغاوت ڀري ڇڏي. مون کي پنهنجي ماضيءَ تي فخر آهي. آئون ڪنڌ اوچو ڪري سگهان ٿو ته مون کي انهن با ڪردار,جرئت مند ۽ مخلص اڪابرن سان گڏجي آزاديءَ جي جهاد ۾حصو وٺڻ جي سعادت نصيب ٿي آهي.

شاهه صاحب جي جماعت مجلس احرار اسلام هندستان جي غريب ۽ وچولي طبقي جي ڪارڪنن تي مشتمل هئي. ان جي ڏينهون ڏينهن ترقيءَ کان انگريز ۽ ان جا ڇاڙتا خائف هئا. عوام ۾ احرار جون پاڙون مظبوط ٿي ويون. اهڙي طرح هڪ سازش هيٺ 1935ء ۾ "مسجد شهيد گنج" جو مسئلو اٿاريو ويو ۽ ان تحريڪ جو سڄو ڪچرو مجلس احرار تي ڪرايو ويو. هي هڪ مڃيل حقيقت آهي ته جيڪڏهن احرار تي شهيدگنج جو ڪچرو نه ڪرايو وڃي ها ته پنجاب جي سڀ کان وڏيڪ مقبول عوامي سياسي جماعت احرار اسلام اليڪشن ۾ اڪثريت سان ڪامياب ٿئي ها. پر سر فضل حسن ۽ ٻين ڇاڙتن سازش ڪري احرار کي شڪست ڏياري. نه ته احرار جي ڪاميابيءَ جي صورت ۾ پنجاب ۾ پهريون ڀيرو وچولي ۽ غريب طبقي جي حڪومت قائم ٿي وڃي ها ۽ هتي جاگيردار کان هميشه لاءِ نجات ملي وڃي ها. مگر ان سڀ ڪجهه جي باوجود شاهه صاحب انگريز ۽ ان جي ڇاڙتن جي خلاف جهاد جاري رکيو.

هن سلسلي ۾ شاهه صاحب کي ڪيترائي ڀيرا جيل وڃڻو پيو. سالن جا سال جيل جون تڪليفون سٺيون. پر سندن استقلال، استقامت ۾ ترِ جيترو به فرق نه آيو. بلڪ جڏهن به پاڻ جيل مان آزاد ٿيا ته پهريان کان به وڌيڪ سخت انگريز جي مخالفت ڪرڻ لڳا. هي به سچ آهي ته شاهه صاحب پهريون ڀيرو قومي سياست ۾ وچولي ۽ هيٺاهين طبقي کي مسلمانن جي اڳواڻيءَ مان چڱي طرح فائدو ڏنو. هن اڳواڻيءَ ايثار ۽ بي لوثيءَ جا جيڪي مثال قائم ڪيا، اهي اڄ به اسان جي مختلف تنظيمن لاءِ مشعل راهه آهن. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جڏهن شاهه صاحب پاڪستان ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو ته پاڻ پنهنجي گهر ڀاتين سميت هٿين خالي اچي پهتا. ڪجهه مهينا احرار جي دفتر لاهور ۾ ترسيا. پوءِ منهنجي درخواست تي خان ڳڙهه آيا. هڪ سال اتي ئي رهيا. هي سندن حسن عطاءِ ۽ منهنجي لاءِ وڏي سعادت هئي :

آپ آگئے تو رونق کاشانہ ہوگئی

خان ڳڙهه ۾ ٻوڏ آئي ته دوستن جي اصرار تي ملتان هليا ويا ۽ مسواڙ جي جاءِ ۾ زندگي گذاري. انهن پنهنجي جائداد جي بدلي ۾ نه ڪنهن جائداد جي خواهش ڪئي ۽ نه وري سندن فقر ۽ استغناءُ ڪنهن جي اڳيان هٿ ڊگهيرڻ پسند ڪيو. پاڻ غيرت ۽ حميت جو پيڪر هئا. ڪين امر تسر ۾ واقع پنهنجي جاءِ جي ضايع ٿيڻ جي ڪري ڪو به ڏک نه ٿيو. باقي هن ڳالهه جو ڪين هميشه صدمو رهيو ته امر تسر ۾ فسادن جي دوران سندن لائبريري ضايع ٿي وئي. پاڻ سدائين پنهنجي ڪتابن کي ياد ڪندا هئا، ڇاڪاڻ ته اهل علم جو حقيقي سرمايو ڪتاب ئي هوندا آهن.

شاهه صاحب هڪ عهد، هڪ تاريخ بلڪ عهد ساز ۽ تاريخ سازشخصيت هئا. آزاديءَجي جدوجهد ۾ پاڻ قوم جي صحيح رهنمائي ڪئي. تاريخ سندن اخلاص ۽ ايثار کي ڪڏهن به نه وساريندي. شاهه صاحب سدائين ياد رکيا ويندا.

بخاري صاحب جي اخلاقي جرئت

نيشنلسٽ علماء تحريڪ پاڪستان جي مخالفت ڪئي. بخاري صاحب (سيد عطاء الله شاهه بخاريؒ) جن بہ مخالفت ڪئي هئي. مجلس احرار اسلام. ڪانگريس جي حمايتي هئي، پر شاهه صاحب جن ۾ ايتري اخلاقي جرئت هئي جو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پاڻ موچي دروازي ۾ تقرير ڪندي فرمايو هو تہ : " اسان پاڪستان جي مخالفت ڪئي هئي هاڻي پاڪستان ٺهي ويو آهي، هي مسلمانن جو ملڪ آهي. هاڻي اسان ان جو ساٿ ڏينداسون."

مجيد نظامي

چيف ايڊيٽر نواءِ وقت

بحوالہ *برصغیر کیسے ٹوٹا* : مصنف عارف ميان ،صفحو ١۴ اشاعت پهرين، اگسٽ ٢٠٠٩ء
ڇپائيندڙ : براڊ لي انسٽي ٽيوٽ فار ريسرچ اينڊ پبلي ڪيشنز ٽنبل روڊ لاهور

سيد عطاء الله شاه بخاري رحمة الله عليه

حفيظ جالندري رحمة الله عليه

برطانوي سياست ۽ ثقافت جي خلاف اسان سيني مسلمانن کي جهنجهوڙي بيدار ڪندڙ بي مثال خطيب ۽ مجاهد سيد عطاء الله شاه بخاري رحمة الله عليه جو آواز هر گهڙي منهنجي ايمان ۾ شامل آهي.

پرانے لشکر اسلام کے بچھڑے ہوئے غازی
ترے دم سے قائم سرفروشی اور سربازی
تیری صورت سے مردادن خدا کی یاد تازہ ہے
غلامان محمد صلی اللہ علیہ وسلم کی یاد تازہ ہے
تیری سیرت سے عابد اور زاہد یاد آتے ہیں
بصیرت سے مدبر اور مجاہد یاد آتے ہیں
وہ شعلہ جس سے داغ عشق کی گرمی ہویدا ہے
تیری صورت سے ظاہر تیری سیرت سے پیدا ہے
صداقت ڈھونڈ تا ہوں جب فدا کاری کی راہوں میں
تری تصویر پھرتی ہے تصور کی نگاہوں میں
مرے دل میں یہ شمع قوم کا پروانہ زندہ ہے
حسین ابن علی کا اسوہ مردانہ زندہ ہے

("چراغ سحر" صفحو192)

پاڪستان جي باني ءَ جو حلف نامو

۱۴/ اگسٽ ۱۹۴۷ء تي اسان کي انگريز کان آزادي مملڪت پاڪستان ٺهڻ جي صورت ۾ ملي. ۱۵آگسٽ/ ۱۹۴۷ تي باني پاڪستان محمد علي جناح پهرئين گورنر جنرل جي حيثيت سان حلف کنيو. سر عبد الرشيد، چيف جسٽس لاهور هاءِ ڪورٽ ان کان هي حلف کڻايو.

پاڪستان جي آزادي ۽ خود مختاري هيٺ ڏنل حلف نامي جي تناظر ۾ ٻاهٺ سال کان پوءِ بہ تاريخ ۾ سواليہ نشان آهي. تاريخ نهايت ئي تيزيءَ سان پنهنجو سفر پورو ڪري رهي آهي ۽ ان سوال جو جواب مستقبل جو تاريخدان ڏيندو.

حلف جا لفظ هي آهن :

”محمد علي جناح، قانون جي مطابق قائم ٿيندڙ پاڪستان جي دستور حڪومت سان سچي عقيدت ۽ وفاداري جو عزم ڪريان ٿو.

۽ عهد ڪريان ٿو تہ آئون پاڪستان جي گورنر جنرل جي حيثيت سان شهنشاهِ معظم جارج ڇهين ۽ ان جي ولي عهدن ۽ ان جي جاءِ نشينن جو وفادار رهندس.“

(”پاکستان کے سربراہان مملکت“ محمد اسلم لوڌي صفحو ۸۰ ڇاپو پهريون ۲۰۰۴ء، اردو سائنس بورڊ لاهور)

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ

آزادي ۽ غلامي

”آئون چاهيان ٿو تہ مسلمان نوجوان هندستان جي آزاديءَ جي پهرين صف ثابت ٿين. آزادي حاصل ڪرڻ جو فخر اسان جي حصي ۾ اچي“
(۲۹/ ڊسمبر ۱۹۲۹ء ، لاهور)

(مجلس احرار اسلام جي بنيادي اجلاس ۾ خطاب)
(تاريخ احرار چوڌري افضل حق، صفحو۷۱)

....

غلامي سڀ کان وڏو گناه آهي

جيڪڏهن هن گناه مان نڪرڻو آهي تہ هن کان وڏيڪ ٻيو سٺو موقعو نہ آهي اسان انگريزن جي خلاف پُر امن جنگ ۾ شامل ٿي وڃون.

(عام جلسي کي خطاب ، ممبئي ۱۹۳۰ء)
(حيات امير شريعت، جانباز مرزا، صفحو۱۴۴)

....

انگريز ڏيڍ سؤ سال منهنجي ملڪ کي غلام بڻايو ان جو رت پيتو. ويندي ويندي فتنن جو اهڙو ٻج ڇٽيو جو هاڻي:
پاڪستان ۽ هندستان جي وچ ۾ ڪڏهن بہ امن قائم نہ ٿيندو.
1958ء ملتان
(انٽرنيشنل تبليغي مشن لنڊن جي وفد سان ڳالهہ ٻولہ
حيات امير شريعت، جانباز مرزا صفحو 441)

....

آئون مٿي ڪان وٺي پيرن تائين سياسي آهيان، منهنجي دلي تمنا آهي تہ مسلمان رهان ۽ مسلمان ٿي مران. مون کي هن ڳالهہ تي فخر آهي تہ آئون اسلام جو سپوت آهيان.

14 جنوري 1931ء بٽالہ

(سالانہ اجلاس انجمن شباب المسلمين

حيات بخاري، غازي ڪابلي صفحو 117)

....

آئون حڪومت کي چوندو آهيان تہ

حڪومت کي گهرجي تہ بک ۽ بيروزگاريءَ جي مسئلن کي حل ڪري.

جيڪي حڪومتون ان مسئلي کي حل نہ ٿيون ڪن هي مسئلا حڪومتن کي ئي ختم ڪري ڇڏين ٿا.

(حيات امير شريعت، جان باز مرزا صفحو 440)

اسلام ۽ مسلمانن جو دشمن

”آئون هندوئن کي پنهنجو دوست نٿو سمجهان، جن جي دشمني سمنڊ جي ڪناري تائين محدود آهي، جڏهن ته انگريز سمنڊ ڪان پار اسلام جو پيڇو ڪري رهيو آهي. جيڪڏهن آئون پنهنجي ننڍي دشمن (هندو) سان گڏجي اسلام جي وڏي دشمن (انگريز) کي شڪست ڏئي سگهان ته هي سودو سستو آهي.

منهنجو وس هلي ته آئون انگريز کي مارڻ لاءِ سوئرن سان اتحاد ڪرڻ کان به نه گهٻرايان چاڪاڻ ته ان جي زندگي سان اسلامي تهذيب، تمدن ۽ انسانيت جو موت ٿي ويندو ۽ ان جي موت سان اسلام ۽ مسلمان زنده ٿي ويندو. اسلامي ملڪن ۾ اتحاد وڌندو ۽ مسلمانن ۾ جهاد جوجذبو بيدار ٿيندو“.

(اقتباس خطاب: اجلاس، جمعيت علماءِ هند امروهه،٣/ مئي١٩٣٠ء)
(حيات بخاري، غازي ڪابلي، صفحو٥٢، ٥٣)
(احرار اور کانگریس، محمد رفيق اختر، صفحو٦٠)

انگريزي اقتدار جي عمر

آئون مسلم ليگ وارن کي سڄي هندستان ۾ چئي رهيو آهيان اڄي چمڙي واري آقا جي اشاري تي نچي نچي اسان کي شهيد گنج واري مسئلي ۾ طعنا هڻڻ چڙهي ڏيو. جنهن اوهان کي تحريڪ شهيد گنج ۾ اسان جي ڏوهن جي لسٽ ڏني آهي، پهريائين ته ان ڪوڙي مخبر جي تحقيق ڪريو ان جي حقيقت ڇا آهي، ان کان پوءِ اسان جي نيڪي ۽ برائي، گناهه ۽ ثواب تي بحث ڪجو. توهان اڻ ڄاڻائيءَ مسلمانن کي ڪوڙي پروپگينڊا جي ذريعي اسان جي خلاف ڀڙڪايو ٿا ۽ قوم کي اسان کان بد گمان ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهيو.

ياد رکو!

وڏيڪ وقت نه گذرندو ته اوهان جي اڳيان اوهان جي ڪوڙ تان پردو هٽي ويندو. پوءِ توهان کي پنهنجي حالتِ زار جو احساس ٿيندو.

فسوف ترئ اذا انڪشف الغبار

افرس تحت رجلڪ ام حمار

غبار پري ٿيڻ کان پوءِ خبر پوندي ته تون جنهن تي سوار هئين اهو گهوڙو آهي يا گڏهه آهي.

اڄ ڪجهه ڪوڙن سڪن جي ظاهري چمڪ سان اوهان جون اکيون ڪيريون ٿي ويون آهن. آئون چاهيان ٿو ته اوهان جو ضمير ان ڪوڙ تي اوهان کي ملامت ڪري ٿو. اي ڪاش! اوهان پنهنجي ضمير جو آواز ٻڌو.

انگريز هن ملڪ ۾ هميشہ نہ رهندو. ان جي اقتدار جو ٽاٽ ڪي اسان ويڙهي ڇڏيو آهي اوهان ۽ اسان بهرحال هتي ئي رهنداسون. ان وقت اوهان جي ڪهڙي حالت هوندي, جڏهن انگريز هتان هليو ويندو ۽ هر قومي ۽ ملي مسئلي تي اوهان ۽ اسان دو بدو ٿينداسون. هاڻي تہ توهان انگريز ۽ ان جي "ذريت البغايا" مرزائين سان ڀانهن ٻيلي ٿي اسان جي خلاف جارحانہ ڪارروائين ۾ مصروف آهيو پر هي بہ ياد رکو تہ توهان جي ان آقا جي اقتدار جي عمر تمام ٿوري آهي.

(پريڀ گرائونڊ, ڪانپور. ٢٣/ آگسٽ ١٩٣٥ء)

قرآن يا انڊيا ايڪٽ

مسلم ليگ جي هڪ رهنماءُ مون کان پڇيو ته:
ڇا اوهان انڊيا ايڪٽ پڙهيو آهي؟
مون چيو:
مون انڊيا ايڪٽ نه پڙهيو آهي، اوهان قرآن نه پڙهيو آهي، فيصلو الله تعاليٰ جي روبرو ٿيندو ته ڪهڙو ڪتاب پڙهڻ لازمي ۽ ضروري هو.

(دهلي دروازه لاهور ۾ جلسي کي خطاب، ٣٠/ مارچ ١٩٣٨ء)
(روزنامه احسان لاهور، ١/اپريل ١٩٣٨ء)
(حيات بخاري، خان غازي ڪابلي، صفحو ١٣٥)

آزادي حاصل ڪرڻ

آزادي هڪ نعمت آهي. ان ڪي حاصل ڪرڻ هر مسلمان جو اخلاقي فرض آهي. آئون مسلمانن ڪي اپيل ٿو ڪريان تہ هو غلامي جو ڳٽ لاهي ڦٽو ڪن. دنيا جون قومون ترقي ڪري رهيون آهن ۽ نهايت ئي تيزيءَ سان آزادي جي منزل تي پهچي رهيون آهن. مسلمانن ڪي هر صورت ۾ پوئتي رهڻ نہ گهرجي.

مسلمانو! وطن جي آزادي جي لاءِ عمل جي ميدان ۾ لهو ۽ سڀ کان پهرين صف ۾ گڏ ٿي وڃو.

(ڊسٽرڪٽ احرار پوليٽڪل ڪانفرنس، دهلي دروازه لاهور، ٣/ مارچ ١٩٣٩)
(حيات بخاري، خان غازي ڪابلي، صفحو ١٣٨)

آزاديءَ جي جدوجهد

حضرت امير شريعت سيد عطاء الله شاهه بخاريﷺ برعظيم جي آزادي جي سوال تي خطاب ڪندو هو ته سندن لب ۽ لهجي جو انداز جلال ۽ جمال مسحور ڪن هوندو هو. انهيءَ زماني (غالبا ١٩٣٩ء دهلي) ۾ هڪ جلسي ۾ خطاب ڪندي فرمايو:

“اهو زمانو اچي ويو آهي جنهن جو انتظار هو. نظر مٿي ڪٽو ۽ ڏسو ته جنگ عظيم گوڙ ۽ وڄ واري حالت وانگر مٿان اچي بيٺي آهي خبر نه آهي ته ڪڏهن ٿي پوڏ اچي غيب جو علم ته الله تعاليٰ کي آهي، اهو ئي علام الغيوب آهي، پر الله تعاليٰ جي مرضيءَ ظالمن جو حساب قريب ڪري ڇڏيو آهي. جنگ ٿيندي، ضرور ٿيندي. يورپ جي ميدانن ۾ ٿيندي ۽ پنهنجي هولناڪ بربادين سان پڪڙجي ويندي. جيڪا شيءِ غيب جي پردي ۾ هجي، ان جي باري ۾ حڪم نٿو لڳائي سگهجي ۽ نه وري ڪا اڳ ڪٿي ڪري سگهجي ٿي. عليم ۽ خبير ذات الله تعاليٰ جي آهي. اندازو ڪري سگهجي ٿو ته جنگ ڇا آڻيندي ۽ ڇا ڇڏي ويندي. جن ماڻهن پهرين عظيم جنگ ۾ فتح حاصل ڪئي ۽ ان ڪان پوءِ متڪبر ٿي ويا. وري انساني نسل کي ورهائي ڇڏيائون ۽ ملڪن جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيائون، انهن کي معلوم ٿي چڪو آهي ته هاڻي ڪٿي بيٺا آهن؟ ۽ انهن کي ڪٿي پهچڻو آهي؟ انهن کي جنگ جي ٿڦڙن مان محسوس ڪرڻ گهرجي ته هن زماني ۾ ڪا به قوم نه غلام رکي سگهي ٿي ۽ نه وري غلام رهي

سگهندي. هندستان آزاد ٿيندو ۽ اڳتي جنگ جي دوران آزاد ٿيندو. جنگ پنهنجي پڇاڙي کي پهچندي ته آزاد ٿيندو. هاڻي ان جي آزادي جو موقف به پوئتي نه نٿو ڪري سگهجي. قدرت پنهنجي فيصلي کي انسانن جي خاطر تبديل نه ڪري سگهندي. هندستان جي آزاديءَ جو فيصلو عرش جي بلنديءَ تي ٿي چڪو آهي، جيڪي ماڻهو هاڻي به پنهنجي پيشانين تي وفاداري جو نشان هڻي پنهنجي محڪومي جي عمر کي وڌائڻ چاهين ٿا، انهن کي هن تعبد جو حق پهچي ٿو. ان جو ضمير آزادي جي ميناج کان واقف ڪونهي. انهن جي لاءِ ممڪن آهي ته هي فخر ۽ ناز جي پونچي هجي ۽ ان کي آخرت جو سرمايو خيال ڪندا هجن، پر هاڻي جيڪا ٻيڙي ٻڏڻ واري آهي، اها ٻڏندي، ان کي بچائي نٿو سگهجي.

آئون پنهنجي پوري عمر ان جدوجهد ۾ گذاري چڏي آهي. آئون هاڻي عمر جي ان منزل ۾ آهيان، جو ٿڪي پيو آهيان. منهنجا وار اڇا ٿي ويا آهن پر ڪن دلين جي ميراڻ اڇا صاف نه ٿي آهي. انهن وٽ اسان باغي آهيون ۽ انهن کي خبر ڪونهي ته بغاوت ڇا هوندي آهي؟ ڇا پنهجي آزادي جي گهر ڪرڻ بغاوت آهي؟ جڏهن هي لفظ اهي ماڻهو چون ٿا جن کي پنهنجي هندستاني هجڻ کان انڪار ڪونهي ۽ مسلمان سڏائين ٿا. ته منهنجو ڏک وڌندو وڃي ٿو منهنجو دماغ ڏکڻ لڳي ٿو ۽ منهنجي زبان باه اڳارڻ چاهي ٿي. آئون سوچيان ٿو اهي ماڻهوآهن جيڪي پنهنجي ئي ايمان جو سڪرات جي حالت ۾ تماشو ڏسن ٿا. ڪهڙي زبان سان چوان ته انهن پيدائشي محتاجن برطانيه جي عشق ۾ پنهنجيون زندگيون ڏئي يا وري آزادي گهرندڙن جا ڪنڌ لاهي قومي ۽ عزت کي مجروح ڪيو ۽ آزاديءَ جي ضمير تي خواري ملي آهي. هاڻي اها ئي خواري انهن جي منهن کي ڪارو ڪري چڪي آهي ۽ آزاديءَ جو منهن صبح جي سج وانگر چمڪي رهيو آهي. انهن کي سلطنت جي فرزند هجڻ تي فخر آهي، همت آهي ته تاريخ جي رفتار کي روڪيو. تاريخ ان تيزيءَ سان متجي رهي آهي ته انگريزن

ڪي هندستان خالي ڪرڻو پوندو ۽ اسان آزاد ٿي رهنداسون. موذن صبح جي آذان ڏئي چڪو آهي صبح ڪي پوئتي نٿو ڪري سگهجي.

مؤذن مرحبا بروقت بولا
تری آواز مکّے اور مدینے

(دهلي ۾عام جلسي کي خطاب, ۱۹۳۹ء/"فن خطابت" شورش ڪاشميري رحمۃ اللہ علیہ)

زمين ڪان اڳ دلين تي
اسلام کي نافذ ڪرڻ

ڪنهن زمين کي حاصل ڪرڻ کان اڳ الله تعاليٰ جو نظام پنهنجي دلين تي نافذ ڪريو. فرنگي جي ڏيڍ سؤ سالن جي غلاميءَ سان جيڪي دليون ڪٽجي ويون آهن، انهن کي ايمان جي ڪسوٽي تي پرکيو، جيئن ڪفر جي نظام حڪومت جي جيڪا گندگي ان تي ڄمي وئي آهي، اها صاف ٿي وڃي. اوهان کا بہ زمين حاصل ڪري بہ ورتي تہ سهي جيڪونظام اوهان قائم ڪندؤ اهو انسانن جو ناهيل هوندو. جنهن جي هر شق ڪفر جي آئين مان ورتل هوندي(سهارنپور، مئي ١٩٤٣ء)

(”حيات امير شريعت“ جانباز مرزا، صفحو٢٧٧)

انگريزي اسلام

اوهان هتي اسلام جي بي وسيءَ ۽ لاچاريءَ تي روئو ٿا! فرنگي هن علائقي تي اسلام نٿو ڏسڻ چاهي. هتي فقط اهو سڀ ڪجهه بچندو جيڪو انگريز چاهيندو. ۽ جيڪو انگريز چاهي ٿو اهو لکي ڇڏيو. اهو اسلام کي ايترو ويلند به نٿو ڏسڻ گهري ته اوهان کي ڪفر برداشت نه هجي. ۽ اسلام کي ختم ڪرڻ به نٿو چاهي ته اسلام جي نالي تي وڙهايو نه وڃي.
لعنت بر پدر فرنگ

(جالنڌر ١٩٤٣ء)
(روايت: حڪيم حافظ محمد حنيف الله)

مسٽر جناح سان جنگ سياسي آهي، ذاتي جنگ ڪونهي

پاڪستان جو نظريو منهنجي بار بار سوچڻ تي به منهنجي سمجهه ۾ نه آيو. آئون جيتري قدر ان تي ويچار ڪريان ٿو. مسٽر جناح اوهان چئو ٿا ته:

"مسلمان قوم ۽ خود هندوستان جي نجات به انهيءَ ۾ آهي."

هن سلسلي ۾ منهجا ڪجهه خدشا آهن. انهن کي ختم ڪريو. پاڪستان جيڪي ڪجهه آهي ٻڌايو ۽ سمجهايو ته پوءِ اوهان آرام سان وڃي بمبئي ويهي رهو. آئون عوام جي هر محاذ تي ويندس ۽ اوهان جي جنگ پاڻ وڙهندس. اوهان جي هڪ ادنيٰ سپاهي جي حيثيت سان پاڪستان جي حاصل ڪرڻ جي لاءِ هندو ۽ انگريز ٻنهي

سان پاڻ مقابلو ڪندس. پر مسٽر جناح! ڪنهن جي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيارنه آهي ۽ نه وري ڳالهائڻ لاءِ تيار آهي اهو فقط بيعت چاهي ٿو.

ڏسو مسٽر جناح! هي ڏهه ڪروڙ مسلمان قوم جي مذهب ۽ ان جي مستقبل جو سوال آهي. هي ڏهه ڪروڙ عرب مان نه آئي آهي بلڪ انهيءَ ڪفر جي ڳڙهه مان خواجه معين الدين چشتي اجميري رحمة الله عليه، حضرت مجدد الف ثاني رحمة الله عليه، حضرت علي هجويري رحمة الله عليه، حضرت نظام الدين اولياء رحمة الله عليه، حضرت پيران ڪلير رحمة الله عليه جهڙا ولي ڪامل، قطب، ابدال سڄي رات اوجاڳو ڪندڙن ماڻهن پنهنجي رياضت، عبادت سان راجپوتانه جهڙي ڪفر جي ڳڙهه ۾ ويهي انهن کي مسلمان ڪيو هو. جيڪڏهن هندو ۽ انگريز جي ملي ڀڳت سان هن ڏهه ڪروڙ مسلمانن کي ڪهڙي طرح نقصان پهتو ته ان جي ذميواري اوهان تي هوندي.

مون پنهنجي عمر جو گهڻو حصو فرنگين سان وڙهي انهن جي جيل ۾ گذاريو آهي، پر جيڪا ڳالهه هڪ ڀيرو سمجهه ۾ آئي آهي وري ان کان منهن نه موڙيو آهي ۽ انگريز جهڙي ظالم حڪومت جي آڏو اهو ئي چوان ٿو جنهن سان منهنجو ضمير مطمئن هو.

آئون مسٽر جناح جي تمام گهڻي عزت ڪريان ٿو. منهنجي ان سان سياسي جنگ آهي ذاتي دشمني ڪونهي. پر ڳالهه سمجهڻ کان سواءِ ان جي ها ۾ ها ملائڻ تي تيار نٿو ٿي سگهان. ڀلي منهنجي قوم منهنجي خلاف ٿي وڃي.

اپنے بھی خفا مجھ سے ہیں بیگانے بھی ناخوش
میں زہر ہلال کو کبھی کہہ نہ سکا قند

(احرار ڪانفرنس دهلي ۾ خطاب. جون ۱۹۴۳ء)
حيات امير شريعت جانباز مرزا، صفحو ۲۸۲،۲۸۳)
("سيد عطاء الله شاه بخاري، سوانح وافڪار" شورش ڪاشميري، صفحو ۲۸۸،۲۸۹)

حڪومت الاهي ۽ پاڪستان

مجلس احرار ان عظيم سچائي جو اعتماد تي حڪومت الهي جي آواز بلند ڪري ٿي جنهن جو مقصد انساني معاشري ۾ الله تعاليٰ جي قانون جو تصور آهي يعني خالق جو نظام مخلوق لاءِ.

مان تمام گهڻو غور ڪيو آهي، پر مون کي "الحمدالله"کان "والناس" تائين ڪٿي به هي نه مليو آهي ته مسلمان غير مسلمانن جي رعيت بڻجي زندگي گذارين. البت اسلامي حڪومت ۾ غير مسلمانن سان طرزِ عمل جو ذڪر ملي ٿو. افسوس آهي ته هڪ اهڙي قوم جيڪا سچي زمين جي حڪومت لاءِ پيدا ڪئي وئي آهي، اڄ دوکي واري منزل ۾ گرفتار ٿي سڌي رستي کان ڀٽڪي وئي آهي.

مسلمانن جي حڪومت ٻي ڳالهه آهي ۽ قرآن جي حڪومت ٻي ڳالهه آهي! اسان جو مطالبو مسلمانن جي حڪومت جي دعويدارن سان قرآن جي حڪومت قائم ڪرڻ جو آهي، جيئن زندگيءَ جي پريشاني ختم ٿي وڃي، ڇا هي غضب آهي! ته ڪائنات زمين ۽ آسمان جي هر جنس قدرت جي قانون جي فرمانبرداري ۾ مشغول آهي ۽ اوهان انساني معاشرت جي ترتيب جي لاءِ الله تعاليٰ جي قانون جي قرآني صدائن کي پنهنجي دماغ جي قانون سازي تي قربان ڪري رهيا آهيو ۽ پنهنجي گمان ۾ هي سمجهي ڇڏيو آهي ته قرآن مجيد فقط عقيدن جو مجموعو آهي ان ۾ سلطنت جي اصول جي ڪا به شق ڪونهي.

اسان کي هن جو خدشو ۽ صدمو نه آهي ته اسان سان انسانن جو اجتماع ڪيترو معمولي آهي. اسان کي هن جو اطمينان آهي ته اسان

جي زبانن تي حق ڪان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي. اصل شيءِ حق آهي، جيڪا اقليت ۾ رهي بہ حق ئي رهندو آهي ۽ باطل اڪثريت جا قصيدا پڙهڻ جي باوجود باطل ئي سڏرائي ٿو.

آئون پنهنجي دوستن کي چوندس تہ اهي اسان جي خلاف نہ ڳالهائين جيئن اسان کي ان جو سچ نہ چوڻو پوي. اسان جا ارادا صاف آهن. اسان پنهنجي نٿا هلائڻ چاهيون فقط ايترو چاهيون ٿا تہ محمد ڪريم ﷺ جي ڳالهہ مڃيو ان تي منهن تي گهنج چو ٿا وجهو پنهنجي اندر تبديلي پيدا ڪريو. ان ڪان سواءِ جيڪڏهن اسان کي ٻي خواهش آهي تہ الله تعاليٰ اسان کي تباهہ ۽ برباد ڪري.

مون کي افسوس آهي تہ اوهان چونڊ ۾ حريف ٻڌجي اخلاقيات جي ابتدائي ضابطن کي وساري ويٺا آهيو. معاملن کي دليلن سان حل ڪريو. اختلاف راءِ رکندڙن جي خلاف ڪوڙا بهتان نہ ٺاهيو ۽ هر هنڌ فساد ۽ بي حرمتي جو غوغو ڪنهن لاءِ آهي؟ هي اليڪشن تہ هوا جو جهٽڪو آهي جيڪو ايندو ۽ هليو ويندو ۽ اوهان ان کي سڀ ڪجهہ سمجهيو آهي. حالانڪ هي ڪجهہ بہ نہ آهي. استدلال جي عاجزي، براهين جي ويچارگي، اصولن جي پامالي، نصب العين جي ڪمزوري ۽ عمل جي اٽاٽ مان ڪو بہ مقصد حاصل نٿو ٿي سگهي ۽ نہ بهتانن جي چٽگ هدايت جي شمع ٿي سگهي ٿي.

آئون اوهان کي سچائي جو دليل ڏيان ٿو. هي ڇہ ڦٽ جو دليل آهي. اهو ئي آغا شورش ڪاشميري جيڪو ڪڏهن اسان جي خلاف هو ۽ اڄ اسان جو ساٿي بڻجي ويو آهي. هي هڪ گل هو جيڪو غيرن جي باغ ۾ هو. جنهن جي ڪنڊن جي چڀڻ جي تڪليف بہ مون کي محسوس ٿي آهي، پر مون صبر ۽ استقلال جو دامن نہ ڇڏيو ۽ هاڻي هي گل منهنجي دل جي گلدستي جو نمايان گل ٿيو آهي. آئون ڪيس پنهنجي پٽ عطاء المنعم وانگر سمجهان ٿو تہ انهيءَ دولت تي هميشہ ايمان کي ترجيح ڏني آهي.

(خطاب: چوڪ فريد، امرتسر،٢١/نومبر ١٩٤٥ء)

(نوادراتِ امير شريعت، منظور حجازي، صفحو ٥٩ تا ٦٣)

انجام ڇا ٿيندو؟

٨، ٩ / ١٩٤٥ع جو احرار پارڪ باغ بيرون دهلي دروازي لاهور ۾ شيخ حسام الدين جي صدارت ۾ پنجاب پراونشل احرارانتخابي ڪانفرنس منعقد ٿي. ٩ / ڊسمبر جو حضرت امير شريعت سيد عطاء الله شاهه بخاري رحمة الله عليه جن هڪ ڊگهو خطاب ڪيو هو جيڪو رات ٩ وڳي کان شروع ٿي صبح ٥ وڳي تائين جاري رهيو. ان اهم انتخابي تقرير ۾ پاڻ ملڪ جي سياسي مسئلن بابت مجلس احرار جي نظرئي خاص ڪري پاڪستان بابت احرار جو موقف واضح ڪيو. ظاهر آهي ته انن ڪلاڪن جي ايتري ڊگهي تقرير کي لکڻ تمام ڏکيو ڪم هو. تنهن هوندي به آئون سه روزه ” زمزم “ لاهور ١٥ / ڊسمبر١٩٤٥ع ۾ شايع ٿيندڙ ان تقرير جا اهم اقتباس هتي پڙهندڙن جي خدمت ۾ ڏئي رهيو آهيان. ان تقرير کي سندن جاءِ نشين امير شريعت مولانا سيد ابوذر بخاري جن “انجام ڇاٽيندو؟” جي عنوان سان شايع ڪيو. اهو هتي ٻيهر پڙهندڙن جي خدمت ۾ ڏجي ٿو.(مرتب)

حڪومت الٰهي ۽ پاڪستان جو نعرو

پاڪستان جو نقشو ٻڌايو ويو ٿو ۽ جنهن جو نعرو لڳايو ويو ٿو. موجوده حالتن ۾ نه هندستان ۾ اهڙو پاڪستان ٺهي سگهي ٿو نه وري حڪومت الهي جو قيام عمل ۾ اچي سگهي ٿو. جيڪو ماڻهو پاڪستان ۽ حڪومت الهي جو نعرو هڻي مسلمانن کان ووٽ جو سوال ڪري ٿو اهو انهن کي گمراه ڪري ٿو. خود اسان جي به اها دعويٰ بلڪل ڪونهي ته اسان کي ووٽ ڏيندؤ ته اسان انهيءَ مهل ئي ابوبڪر رحمة الله عليه ۽ عمر رحمة الله عليه جهڙي حڪومت قائم ڪنداسون. ائين ناهي. اها ته وڏي ڳالهه آهي. اسان ته فقط هي چئون ٿا ته دين جي خادم جي حيثيت سان جيڪڏهن اسان کي ڪڏهن موقعو مليو ته الله تعالىٰ جي فضل ۽ ٻاجهه سان اميد آهي ته ان شاء الله ثم ان شاء الله، جوا، شراب، زنا، چوري ڌاڙا وڏيون برايون ضرور ختم ڪنداسون. انهن تي پابندي لڳائينداسون ان جي مقابلي ۾ مڪمل اسلام ته پري جي ڳالهه آهي. هن ملڪ جي گڏيل آبادي ۽ ان جي فضا ۾ جيڪڏهن اسان اسلام جا ڪجهه بنيادي احڪام به نافذ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا سون ته سمجهو اسان ڪامياب ٿيا سون ۽ وڏو جهاد ڪيو سون فزت ورب الڪعبة

<u>مسلمان مجاهدين آزدي تي تهمتون</u>

گذريل ڏينهن جڏهن ڪشمير ۾ هوس. مون تي ڪلم ڪلا تهمتون لڳايون ويون تہ هندوئن جي هٿن ۾ وڪامي ويو آهي. هن ڪي ڪانگريس خريد ڪيو آهي. منهنجي محترم ميان افتخارالدين جيڪو ڪل تائين ڪانگريسي هو ۽ ڪانگريس کان جدا ٿيڻ کان پوءِ امر تسر ۾ وڃي منهنجي متعلق چيو تہ عطاء الله شاهہ کي ڪانگريس کان پيسا ملن ٿا. آئون اسٽيج تي ئي ميان صاحب کي چيلنج ڪريان ٿو تہ صوبي پنجاب ۾ تہ ڪانگريس جو پاڻ صدر رهيو آهي، اهو پاڻ ٻڌائي تہ انهيءَ ڪانگريس کان مون کي ڪڏهن ۽ ڪيترا پيسا ڏياريا آهن؟ افسوس آهي تہ اليڪشن جي گرماگرميءَ ۾ قوم جو اخلاق بگاڙيو وڃي ٿو.

عالمن ۽ بزرگن جي بي حرمتي

اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڙهندڙن شاگردن کي پنهنجي بزرگن، اڳواڻن ۽ عالمن جي اڳيان نچڻ، انهن جي بي حرمتي ڪرڻ، انهن کي قتل ڪرڻ ۽ سندن نوراني برڪت وارين ڏاڙهين ۾ شراب جون بوتلون هارڻ جي تربيت ڏني وڃي ٿي. ڪاش! قوم جا رهنماءُ سوچين ۽ سمجهن تہ اهي مسلمان نوجوانن کي ڪهڙي پاسي ڌڪي رهيا آهن؟ هنن اڪين اخبارن ۾ جڏهن سري نگر ۾ مولانا ابوالڪلام آزادؒ ۽ پنڊت نهرو جي دريائي جلوسن ۾ مسلم ليگين جي طرف کان بد تميزي ۽ بد زباني جي خبر پڙهيم تہ دل تي وڏو صدمو رسيو.

مسلمانو! سوچيو تہ اوهان جا ليڊر اوهان کي ڪهڙي پاسي وٺي وڃي رهيا آهن؟ انهن ماڻهن خود تارون موڪلي مولانا ابوالڪلام آزادؒ کي آزاد ڪرايو. ورڪنگ ڪميٽي جي ميمبرن جي آزادي جو مطالبو ڪيو. پر شملہ ڪانفرنس ۾ جڏهن انهن جو ڪانگريس سان اتحاد نہ ٿي سگهيو تہ سر سيد جو اولاد جيڪو علي ڳڙهہ ڪاليج جي پاچي هيٺ پلي رهيو آهي، سياڻي ٿهندڙان مسلمان قوم علي ڳڙهہ ريلوي اسٽيشن تي مولانا ابوالڪلام آزادؒ جي بي حرمتي ڪئي.

انهن نوجوانن ۾ اهڙا بہ برخوردار هئا جن مولانا جي ڏبي ۾ داخل ٿي پنهنجون پتلونون لاهي ڇڏيون.

مولانا آزاد جي عظمت

آئون ليگي مسلمانن کان پڇان ٿو تہ آخر هي ڪهڙو تماشو آهي جو مولانا آزاد رحمة الله عليه کي ڪافر چئو ٿا؟ پر هي ٻڌايو تہ سهي اهو ڪافر ڪڏهن کان ٿيو آهي؟ ڇا مڪي ۾ پيدا ٿيندڙ وڏو عالم دين، قرآن پاڪ جو تفسير ڪندڙ عالم دين، محدث ۽ وڏي پائي جو مسلمان جنهن جي جوڙ جو ٻيو عالم هندستان تہ ڇا پر سڄي دنيا ۾ ڳولڻ سان نہ ملندو. توهان ان کي ڪافر چئي پنهنجي پاڻ کي جهنمي بڻائي رهيا آهيو؟ هي بد سلوڪي فقط مولانا آزاد رحمة الله عليه تائين محدود ناهي. سندن اها قابل احترام ۽ پاڪ دامن زال جنهن کي سڄي عمر ڪنهن ماڻهو نقاب سان يا بنا نقاب جي ٻاهر نڪرندي بہ نہ ڏٺو آهي. ان جي موت کان پوءِ بي حرمتي انهي مسلمان قوم ڪلڪتہ ۾ ڪئي؟ مولانا جيل ۾ هو تہ سندن گهرواري وفات ڪري وئي. مسلم ليگي رضاڪار لٺ کڻي بيهي رهيا ۽ مسلمانن کي روڪيندا رهيا تہ مولانا ابوالڪلام آزاد رحمة الله عليه جي گهرواري جي جنازي ۾ شرڪت نہ ڪريو. اها ڪافر ٿي مري وئي آهي. ان کي جهنم ۾ وڃڻ ڏيو. آئون مسلمانن کان پڇان ٿو تہ اوهان جو اسلام اوهان کي اهائي تعليم ڏئي ٿو تہ يگانہءِ روزگار عالم دين، پردي دار ۽ اسلامي تمدن جي ماحول ۾ پلجندڙ عورت سان ۽ اهو بہ موت کان پوءِ هي سلوڪ ڪريو؟ اسلام تہ غير مسلمانن سان بہ اهڙي سلوڪ جي اجازت نٿو ڏئي.

مولانا حسين حمد امدني رحمة الله عليه جي بي حرمتي

فقط هن تي بس ڪونهي. هن دور جي "اپ ٽوڊيٽ مسلمانن" پنهنجي اخلاق کي يوپي جي ريلوي اسٽيشنن، بازارن، روڊن رستن ۽ ميدانن ۾ هن حد تائين رسوا ڪيو. مولانا حسين احمد رحمة الله عليه جهڙي عالم

دين جي بي حرمتي ۾ سر سيد جي اولاد ايتري زيادتي ڪئي جو سندن ٽوپي ساڙي ڇڏي! سندن نوراني ڏاڙهي مبارڪ ۾ شراب جي بوتل هاري پنهنجي ڪريل اخلاق جو مظاهرو ڪيو؟ ڇاڪاڻ ته علي ڳڙه جي نوجوانن ۾ يوپي جي مسلمانن هي سلوڪ ڪنهن سان ڪيو؟ ان شخصيت سان جنهن چوڏهن سالن تائين مديني پاڪ ۾ روضۂ رسول ﷺ جي اڳيان ويهي هزارين علم جي اڃارن کي حديث جو درس پڙهائيندا رهيا. جنهن جي علم جي دريا ۾ سيراب ٿيندي اڄ پنج هزار محدث مدينہ کان وٺي هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيل آهن. هي سلوڪ ان حسين احمد رحمة الله عليه سان ڪيو ويو جيڪو مدني سڏائي ٿو؟ هي سلوڪ ان عالم دين ۽ بزرگ سان ڪيو ويو جنهن پنهنجي جماعت ۽ پنهنجي دوستن جي بہ پرواهہ نہ ڪندي مسٽر جناح صاحب جو ساٿ ڏنو ۽ مسلم ليگ کي مظبوط بڻائڻ جي لاءِ ١٩٣٧ء جي انتخاب ۾ ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيو؟ تڏهن اهو حسين احمد رحمة الله عليه اسان جي مقابلي ۾ انهن وٽ سچو عالم دين ۽ شيخ الاسلام هو؟ پر جڏهن اليڪشن کان پوءِ مسلم پرسنل لاء سني اوقاف ۽ مسلمانن جي مطالبن کي منظور ڪرائڻ جي متعلق جناح صاحب يقين ڏيارڻ کان صاف انڪار ڪيو۽ ليگ پنهنجي واعدن کان ڦري وئي تہ مسلمانن جي واحد جماعت جو پرم کلي ويو۽ حقيقت ظاهر ٿيڻ تي مولانا مدني رحمة الله عليه ليگ جي حمايت ڇڏي ڏني تہ اهو ساڳيو ئي مدني ليگي ليڊرن ۽ ڪارڪنن وٽ ڪانگريسي ايجنٽ, شيخ الهنود واجب قتل ٿي ويو؟ بڏندڙ ئي بڏائين تہ مولانا ابوالڪلام آزاد رحمة الله عليه ۽ مولانا حسين احمد مدني رحمة الله عليه سان اهڙي قسم جي بد سلوڪي ڪرڻ وارا انهن نون مسلمانن جي طرف کان جيڪڏهن مون جهڙي ماڻهو تي جيڪو انهن جي پيرن جي مٽي بہ ڪونهي. هي الزام لڳايو وڃي تہ هي ڪانگريس جي هٿن ۾ وڪامي ويو آهي تہ ڪا بہ حيرت جي ڳالهہ ڪونهي.

جذبن جو طوفان

مسلمانو! آئون چاڻان ٿو تہ اج جذبن جو طوفان هلي رهيو آهي. پاڪستان جو نعرهءِ مستانہ توهان تي اهڙي مستي طاري ڪئي آهي جو توهان منهنجي تقرير تہ ٻڌندا پر ووٽ پوءِ بہ مسلم ليگ کي ڏيندؤ؟ منهنجي متعلق چيو ويو آهي تہ مان هندوئن جي هٿن ۾ وڪامي ويو آهيان. مون کي هن ڳالهہ جو افسوس ڪونهي تہ منهنجي ذات تي تهمت لڳائي وئي آهي، پر افسوس هن ڳالهہ جو آهي تہ تهمت هڻندڙ اهي ماڻهو آهن، جيڪي پاڻ دين کان پري، پنهنجي آخرت کان بي خبر، ٻين جي آخرت خراب ڪرڻ وارن، شاتم رسول راج پال جي قاتل علم الدين شهيد رحمة الله عليه جي ڪيس ۾ ڏهہ هزار جي فيس ۽ فرسٽ ڪلاس جو ڀاڙو وٺڻ وارا آهن.

اج اسان ماڻهن تي جيڪي مسلمانن جي ٽڪرن تي پليا آهن ۽ جن جي روزي محمد ﷺ جي نالي سان وابستہ آهي، هي الزام لڳائين ٿا تہ مولانا ابوالڪلام رحمة الله عليه هندوئن جي هٿن ۾ وڪامي ويو آهي. حسين احمد مدني رحمة الله عليه کي ڪانگريس خريد ڪيو ۽ عطاء الله شاهہ بخاري رحمة الله عليه کي برلا جي خزاني مان پيسا ملن ٿا. اصل ۾ انهن ماڻهن جي ڪريل ذهنيت جو بچڙو مثال آهي.

مسلمانن جو چا ٿيندو؟

مون کي هن ڳالهہ جو ڏک ڪونهي تہ حسين احمد رحمة الله عليه جي ڏاڙهي تي شراب هاريو ويو. نہ ئي هن ڳالهہ جو صدمو اٿم تہ مولانا ابوالڪلام آزاد رحمة الله عليه جي گهرواي جي جنازي ۾ شريڪ ٿيندڙ مسلمانن کي روڪيو ويو. بلڪ ڏک هن ڳالهہ جو آهي تہ اج مسلمان قوم جا چشم ۽ چراغ مولانا حسين احمد مدني رحمة الله عليه جي ڏاڙهي پٽڻ لاءِ آيو آهي. سڀاڻي پنهنجي پيءُ کان بہ ناراض ٿي ان جي ڏاڙهي بہ پٽيندو. مولانا آزاد رحمة الله عليه جي اڳيان پنهنجي شرمگاهون ڏيکاريندڙ پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ جي اڳيان بہ اگهاڙو ٿي نچندو. مسلمانو! سوچيو تہ مسلم ليگ قوم کي ڪهڙي پاسي وٺي وڃي رهي آهي ۽ جن ماڻهن جي هٿ ۾ سڀاڻي قوم جي اڳواڻي هوندي اهو ڪهڙو کيل کيڏي رهيا آهن.

پاڪستان جو نعرو

مون پاڪستان جي مسئلي تي تمام گهڻي سوچ ۽ ويچار ڪيو آهي. ڪيترين راتيون راتيون جاڳي گذاريون اٿم، سڄي سڄي رات اٿل پٿل ۾ گذاريم، مهينن جا مهينا ننڊ نہ ڪئي اٿم. هي ڏاڍو اٽانگو مسئلو هو. گذريل ڏينهن جڏهن ڪشمير کان امر تسر موٽي آيس تہ مسٽر جناح جو هڪ بيان پڙهي مسئلو حل ٿي ويو تہ اصل معاملو ڇا آهي؟

مسٽر جناح فرمايو:

"پاڪستان، پنجاب، سرحد، بلوچستان ۽ بنگال تي مشتمل هوندو. ان حڪومت جو طرز حڪومت جمهوري هوندو. اقليتن کي خاص نيابت حاصل هوندي. ان ۾ مذهبي حڪومت نہ هوندي. جيڪڏهن هڪ پارٽي جي حڪومت قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ آئون ان جي مخالفت ڪندس. هندستان ۾ امتياز نہ هوندو. پاڪستان جي آبادي ڏهہ ڪروڙ انسانن تي مشتمل هوندي. جن ۾ ڇهہ ڪروڙ مسلمان ۽ چار ڪروڙ غير مسلمان هوندا. ٻئي پاسي هندستان جي آبادي ٽيہ ڪروڙ تي مشتمل هوندي. جن ۾ چار ڪروڙ مسلمان ۽ ڇهہ ويہ ڪروڙ هندو هوندا".

هاڻي ٿورو مسٽر جناح جي بيان جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺو تہ هي پاڪستان ڇا ٿيندو؟ جن صوبن کي ملائي پاڪستان ٺاهڻ مقصود آهي، ان جي اقتصادي پوزيشن تي نظر وجهو تہ ڇهہ ڪروڙ مسلمانن جي مقابلي ۾ غير مسلمانن جو تعداد چارڪروڙ هوندو؟ هي غالب اقليت ڪيتري قدر مظبوط هوندي. ان جو اندازو لڳايو؟

سِک ۽ پاڪستان

اجا تہ مون "خالصہ جي" جو ذڪر ئي نہ ڪيو آهي. خبر اٿوَ تہ پاڪستان جي ايراضي تي سک جي پوزيشن ڪيتري قدر نمايان آهي؟ هي "خالصہ جي" آهن جن لاهور اسٽيشن ۾ پاڪستان جو ريزو ليوشن پاس ٿيڻ کان پوءِ سڄي پنجاب ۾ گهلو گهارا ڍي ملهائي ٻڌايو

هو تہ خالصہ ڪيتري تباهي ڪري سگهي ٿو؟ ۽ جيتري قدر پنجاب جو تعلق آهي. ان ۾ سکن جو مذهبي مرتبو ڪيترو بلند آهي؟ ان کي بہ نظر انداز نہ ڪريو.

جيڪڏهن توهان پنهنجون سڀ مقدس جڳهون بہ سکن جي حوالي ڪريو تڏهن بہ اهي پنجاب ڇڏڻ لاءِ تيار ڪونهن. پاڪستان جي متعلق مسٽر جناح جي بيان ۾ هي بہ چيو ويو تہ پاڪستان جي ڏهہ ڪروڙ آبادي بہ طور قوم ترقي ڪندي. مسلمانن ۽ غير مسلمانن ۾ ڪو بہ فرق نہ ڪيو ويندو. پر ان تي ڪير بہ نٿو ڳالهائي ۽ جيڪڏهن اسان هي چئون تہ "مسلمان ۽ غير مسلمانن کي پاءُ پاءُ وانگر رهڻ گهرجي تہ اسان هندوئن جا ايجنٽ ۽ واجب القتل آهيون"؟

افسوس! هي ڪهڙو انصاف آهي؟

هم آہ بھی کرتے ہیں تو ہو جاتے ہیں بدنام
وہ قتل بھی کرتے ہیں چرچا نہیں ہوتا

(اخبار سہ روزه زمزم لاهور. ۹/محرم الحرام۱۳۶۵ھ_۱۵/ ڊسمبر۱۹۴۵ء)
ڪاروانِ احرار. جانباز مرزا. جلد ٦. صفحو۳۸۹، ۳۹۴)

پاليٽڪس

سچي قرآن پاڪ ۾ "پاليٽڪس" جي مفهوم ۾ سياست جو لفظ ڪونهي. هائو مان ڄاڻان ٿو! ان جي معنيٰ "مڪر" (تدبير) جي آهي. سيني نبين سڀني سڳورن جي سياست الله تعاليٰ جا قانون نافذ ڪرڻ جي تدبير آهي ۽ "پاليٽڪس" فرنگي جوارين جي ٿاهيل آهي. جنهن جو مقصد ٺي ڏوڪو ڏيڻ آهي. پاليٽيشنز جا واعدا پورا ٿيڻ لاءِ نہ بلڪ ٽوڙڻ لاءِ ڪيا ويندا آهن. انهن بد بختن جي دل تي الله تعاليٰ کان سواءِ هر شيءِ جوڊپ غالب آهي. مون پاليٽڪس کان وڌيڪ شرارتي لفظ نہ ڏٺو آهي. هي ٺڳي ڏوکوجي هڪ اجتماعي ڪاروبار جو نالو آهي، جنهن سان بابو لوگ مقصدن جو دڪان چمڪائين ٿا. هن دور ۾ "پالٽيڪس" جو مطلب فتنہ خيزي، فتنہ پروري ۽ فتنہ انگيزي آهي.

(ملتان، ١٩٣٥ء)

پاڪستان جو نظريو

ساٿيو! گذريل سال، مون دهلي ۾ پاڪستان جي متعلق پنهنجا خدشا ظاهر ڪيا هئا تہ جناح صاحب پنهنجي ڻاهيل پاڪستان جي نظرئي تي مون کي قائل ڪري. جيڪڏهن ان جو نظريو صحيح نڪتو ۽ مون کي ذهني اطمينان ٿيو تہ آئون ان شاء الله پاڪستان جي حاصل ڪرڻ لاءِ انگريز ۽ هندوئن سان مقابلو ڪندس.

آئون فقط آئيني سمجهوتي ۾ هندستان جي نجات نٿو سمجهان ۽ نہ ئي منهنجي نزديڪ اليڪشن جو ڪٽڻ هارائڻ ملڪ يا قوم جي لاءِ فائدي مند ٿي سگهندو. آئون تہ فقط هندستان ۾ انگريز سان هڪ همہ گير ۽ فيصلو ڪن جنگ ڏسڻ ۽ جنگ ڪرڻ جو خواهش مند آهيان. انگريزن مسلمانن کان اقتدار کسيو ۽ هاڻي مسلمانن کي ئي هندستان ڏئي هتان نڪري وڃن. وري هندستان جي مستقبل جو فيصلو اسان پاڻ گڏجي ڪنداسون. فرنگي غاصب آهي، ان کي اسان جي فيصلي ڪرڻ جو حق ڪونهي نہ وري اسان ان کان ڀلائي جي اميد رکون ٿا. پاڪستان جو موجوده نظريومسلمانن جي لاءِ هلاڪت آفرين ۽ هلاڪت خيز آهي. منهنجي سمجهہ ۾ پاڪستان جي حق ۾ ڪو بہ اهڙو دليل ڪونهي. هن وقت قوم جي زندگي ۽ موت جوسوال آهي. آئون نٿو چاهيان تہ منهنجي راءِ مڃي وڃي. سيني کي ٿڌي دل سان غور ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن وٽ منهنجي دليلن جي خلاف ڪو واضح دليل هجن تہ پوءِ مون کي پنهنجي موقف تي ضد ناهي.

(مجلس احرار جي ورڪنگ ڪميٽي جي اجلاس ڪي خطاب.
لاهور، ٢٧/ مارچ ١٩٤٦ع)
(حيات امير شريعت، جانباز مرزا، صفحو٢٨٧،٢٨٦)

پهريون توهان نڪرو

هندومها سبهائي ليبدر ڊاڪٽر مونجي بمبئي ۾ تقرير ڪندي چيو ته:

ڪڍو هنن مسلن (مسلمانن) کي هندستان مان.

حضرت امير شريعت لکنوءِ ۾ ان جو جواب ڏيندي چيو هو:

“هندستان جي تاريخ ته ڪٽي ڏسو اوهان به اسان وانگر هن ملڪ ۾ ڌاريا آهيو. هيءَ ٻي ڳالهه آهي ته اوهان هن ملڪ ۾ پهريون آباد ٿي ويا آهيو ۽ اسان پوءِ آباد ٿيا آهيون. جيڪڏهن نڪرڻو آهي ته پوءِ انهيءَ ترتيب سان نڪرو جنهن ترتيب سان آيا آهيو. پهريون توهان نڪرو، پوءِ اسان نڪرنداسون.

(يادگارِ بخاري رحيم بخش سيال، صفحو٦٦)
(علمي جواهر پاري اعجاز احمد سنگهانوي، صفحو٦١)

پاڪستان ڇو چاٿيندو؟

اردو پارڪ دهلي ۾
امير شريعت سيدعطاء الله شاه بخاري رحمة الله عليه
جي هڪ يادگار تقرير
(٢٦/اپريل ١٩٣٦ء)

پاڪستان ۾ ڇا ٿيندو؟

زلفیں ہوگی، شانے ہوں گے
کہیں کہیں افسانے ھوں گے
دین اور مذہب کے مرقد پر
شمعیں اور پروانے ہوں گے

اجتماع جو انعقاد

۲۸/مارچ ۱۹۴٦ء جو آل انڊيا مجلس احرار اسلام جي ورڪنگ ڪميٽي جي اجلاس مان فارغ ٿي امير شريعت سيد عطاء الله شاهه بخاريؒ پنهنجي ساٿين حضرت مولانا حبيب الرحمن لڌيانويؒ، شيخ حسام الدينؒ ۽ ماستر تاج الدين انصاريؒ سان گڏجي لاهور ڪان دهلي روانا ٿيا. انهن ڏينهن دهلي ۾ برطانوي مشن (ڪرپس مشن) مسلم ليگ ۽ ڪانگرس سان پاڪستان جي ورهاڱي جي سلسلي ۾ ڳالهين ۾ مشغول هئا. حضرت امير شريعت سيد عطاء الله شاهه بخاريؒ تقريبا هڪ مهينو تقريرن جي سلسلي ۾ نهايت ئي مصروف هئا. انهن ڏينهن ۾ دهلي جي مختلف علائقن ۾ احرار جي جلسن جو سلسلو شروع ٿي چڪو هو. جنهن سان گونمنٽ برطانيه تمام گهڻو پريشان هئي. آخر ڪار ظالم حڪومتن جي چالاڪي استعمال ڪئي وئي ۽ احرار جي جلسن تي پابنديون لڳائڻ شروع ڪري ڇڏيون.

۲٦/اپريل ۱۹۴٦ء جو اردو پارڪ دهلي ۾ مجلس احرار اسلام هڪ وڏي جو جلسي جو انتظام ڪيو. امير شريعت هن عظيم الشان جلسي ڪي آخري خطاب ڪيو. ان ڪان پوءِ شاهه صاحب جن وري ڀيهر ڪڏهن دهلي نه وڃي سگهيا. ان اجتماع ۾ تقريبا پنج لک ماڻهو شريڪ ٿيا هئا. شاهه صاحب پنهنجي روايت ۽ ٻين سچين روايتن مطابق ان ڪان وڏيڪ دهلي ۾ ايڏو جلسو ڪڏهن به نه ٿيو هو. ان اجلاس جي صدارت شيخ الاسلام حضرت مولانا حسين احمد مدنيؒ ڪري رهيا هئا ۽ اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض ضيغم

اسلام شيخ حسام الدين ﷫ انجام ڏئي رهيو هو. پنڊال ۾ نظم ۽ ضبط برقرار رکڻ ڳاڙهي پوشاڪ پهريندڙ احرار جي رضاڪارن جي ذمي هو. پنڊال جي چئن ئي پاسن کان احرار جا رضا ڪار بيٺل هئا. احرار جو ڳاڙهو جهنڊو فضا ۾ بهار جي ڳاڙهن گلن وانگر نظر اچي رهيو هو. اسٽيج زمين کان ڪجهه مٿين چني وانگر ٺاهيو ويو هو. جنهن تي ڪرسين جي بدران اڇيون چادرون وڇائي ان تي ويهاڻا به رکيا ويا هئا. ان وقت اسٽيج تي هندستان جون عظيم شخصيتون، قائدين ۽ آزادي جا سالاروياٺل هئا. مجلس احرار اسلام جا مولانا حبيب الرحمن لڌيانوي﷫، ماسٽر تاج الدين انصاري﷫ ۽ جمعيت علماءِ هند جا تمام گهڻا اڪابر جن ۾ حضرت مولانا سيد حسين احمد مدني﷫، حضرت مولانا حفظ الرحمن سيوهاروي﷫، ۽ مولانا احمد سعيد﷫ خاص طورتي قابل ذڪر آهن. اجلاس جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت ۽ ڪجهه نظمن سان ڪئي وئي. حضرت مدني﷫ پنهنجي مصروفيت جي ڪري شروعات ۾ ئي صدارتي تقرير ڪئي ان کان پوءِ شيخ حسام الدين ﷫ مجلس احرار جي جنرل سيڪريٽري جي حيثيت سان ان جلسي جا مقصد بيان ڪيا. ان کان پوءِ مولانا حبيب الرحمن لڌيانوي﷫ تقرير جي شروعات ڪئي. مولانا جي تقرير جي دوران اوچتو انسانن جي ان سمنڊ ۾ لهر آئي ۽ هڪ ٽرٽلو مچي ويو. دلين جون ڌڙڪنون تيز ٿي ويون، زيارت جو شوق تجسس جي لاءِ پريشان ٿيو ته امير شريعت زنده آباد نعرن جي گونج امن ۽ سڪون کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ نظم ۽ ضبط ختم ٿي ويو. عوام پنهنجي محبوب رهنماءُ جي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ بي تاب هئي. حضرت امير شريعت اسٽيج تي اچي ويو پنهنجي نهايت ئي مسڪرائڻ واري انداز سان عوام جي شاندار پليڪار جو جواب ڏنو. اڃا امير شريعت ويٺا ئي هئا ته پنڊت جواهر لال نهرو، لارڊ سٽيفورڊ ڪرپس سان گڏ جلسو ڏسڻ آيو. نهرو ان وقت عبوري حڪومت جو وزير اعظم هو. اسٽيج بين الاقوامي شخصيتن جي اجتماع سان هڪ منظر پيش ڪري رهيو هو.

تقريبا ساڍي يارهين وڳي رات جو امير شريعت مائيڪ تي آيا. پاڻ انساني مٿن جي هن اڻ ڪٿ سمنڊ تي نظر وڌي هڪ پيرو ساڄي پاسي ڏنو وري کاٻي پاسي نهاريو جهڙوڪ ماڻهن جي پيشاني تي موضوع ڳولي رهيا هجن. ان کان پوءِ پاڻ مسنون خطبي کان اڳ ئي تقرير جي شروعات هن طرح ڪئي:" اوهان سڀ درود شريف پڙهو" پوءِ پيهر فرمايو ته درود شريف پڙهو ٿيون پيرو به ائين ئي فرمايو. ماڻهو حيران هئا ته اڄ شاهه صاحب اهڙي وڏي اجتماع ۾ تقرير جي شروعات ڪيئن ڪري رهيا آهن. عوام جي نظرن سان اڻندڙان سوالن جي جواب ۾ امير شريعت پاڻ ئي فرمايو:

"اڄ مون هي هن ڪري ڪيو آهي ته اهڙي وڏي اجتماع جي باوجود هي يار ليگي صبح جي اخبار ۾ لکندا ته مجمع ۾ واقعي پنج لک ماڻهو هئا وري ان ۾ مسلمان هڪ به نه هو. ان ڪري درود شريف پڙهائي رهيو آهيان جيئن دوستن کي معلوم ٿي ته وجي ان اجتماع ۾مسلمان آهن ۽ يا هي اجتماع مسلمانن جو ئي آهي".

هن تي سڄو مجمع کلڻ ۽ خوش ٿيڻ لڳو. ان کان پاڻ پنهنجي خاص انداز ۾ قرآن پاڪ پڙهڻ شروع ڪيو. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو ٻڌندڙ شاهه صاحب جي تلاوت جي تاثير ۾ مست ٿي رهيا هئا. حضرت اميرشريعت جي گلي جو ميناج ۽ درد اهڙو محسوس ٿي رهيو هو جهڙوڪ قرآن پاڪ نازل ٿي رهيو هجي. پاڻ قرآن پاڪ جون آيتون پڙهندي انهن جي معنيٰ ۽ مطلب به سمجهائي رهيا هئا، لکن جو هي ميڙ پٿرن جو ڍير معلوم ٿي رهيو هو. چئني پاسن کان اهڙي حالت ٿي وئي جو سوئي به ڪري ته ان جو به آواز ٻڌڻ ۾ اچي ۽ متوجه ٿي عوام ويهي قرآن پاڪ ٻڌي رهيا هئا. ڏيڍ رڪوع پڙهڻ کان پوءِ حضرت امير شريعت جن تلاوت ختم ڪئي ته پنڊت جواهر لال اٿيو ۽ مائيڪ تي حضرت امير شريعت جي ويجهو اچي بيهي رهيو ۽ معذرت واري انداز ۾ چيو:

"ٻائروءُ! آئون ته فقط بخاري صاحب جو قرآن ٻڌڻ آيو آهيان. مون سان گڏ سر سٽيفورڊ ڪرپس به آيو آهي. مون هن کي جلسو ڏيکارڻ

پئي گهريو. جن حالتن ۾ بيٺو آهيان ۽ جن ڪمن ڪارين ۾ مصروف آهيان، اهو چڱي طرح ڄاڻو ٿا. ڪامياب ٿيڻ لاءِ دعا ڪريو. آئون معذرت سان اجازت گهران ٿو. برطانوي مشن اچڻ جي ڪري مصروفيت ويتر وڌي وئي آهي. منهنجا دوست منهنجي انتظار ۾ آهن”

اهو چئي جواهر لال نهرو اسٽيج تان لهي هليو ويو. حضرت امير شريعت مسنون خطبي کان پوءِ پنهنجي تقرير جي شروعات هن طرح ڪئي:

دوستو! اڄ مون کي ڪا تقرير ڪرڻي ڪونهي، بلڪ ڪجھ حقيقتون آهن جنهن کي بنا تمهيد جي چوڻ گهران ٿو. آئيني ۽ غير آئيني دنيا ۾ پلي هن علائقو جو تعلق ايشيا سان هجي يا يورپ سان هجي، هن وقت جيڪو بحث هلي رهيو آهي، اهو هي آهي ته هندستان جي هندو اڪثريت کي مسلم اقليت مان الڳ ڪري بر صغير کي ٻن علائقن ۾ ورهايو وڃي.

پاڪستان ۾ ڇا ٿيندو؟

هن کان سواءِ هن جو ڇا ٿيندو؟ مون کي پاڪستان ٺهڻ جو ايترو يقين آهي جيترو هن ڳالھ تي يقين آهي صبح جو سج اوڀر کان اڀرندو. پر هي پاڪستان اهو پاڪستان نه هوندو جيڪو ڏھ ڪروڙ مسلمانن جي ذهن ۾ هن وقت موجود آهي ۽ جنهن جي لاءِ اوهان نهايت ئي سچائيءَ سان جاکوڙ ڪري رهيا آهيو. انهن سچن دوستن کي ڪهڙي خبر ته انهن سان ڇا ٿيڻ وارو آهي؟ ڳالھ جهڳڙي جي ڪونهي، سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي آهي. سمجهايو ته آئون مڃيندس. پر تحريڪ پاڪستان جي اڳواٽي ڪندڙن جي قول ۽ فعل ۾ وڏو تضاد ۽ بنيادي فرق آهي. جيڪڏهن مون کي ڪير هن ڳالھ تي يقين ڏياري ته هندستان جي ڪنهن ڳوٺ ۾، ڪنهن شهر جي ڪنهن ڪنڊ ڪڙڇ ۾ الله تعاليٰ جي حڪومت جو قيام ۽ اسلامي شريعت جو نفاذ ٿيڻ وارو آهي ته رب ڪعبہ جو قسم آئون اڄ ئي سڀ ڪجھ ڇڏي اوهان جو ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. پر هي ڳالھ منهنجي سمجھ کان گهڻو مٿي

آهي، جيڪي ماڻهو پنهنجي جسم تي اسلامي قانون لاڳو نٿا ڪري سگهن، اهي ڏهه ڪروڙ ماڻهن جي وطن ۾ ڪيئن اسلامي قانون لاڳو ڪري سگهن ٿا؟ هي هڪ دوکو آهي ۽ آئون هي دوکو کائڻ لاءِ هرگز تيار نہ آهيان.

مشرقي ۽ مغربي پاڪستان جي حالت:

هوڏانهن مشرقي پاڪستان ٿيندو، هيڏانهن مغربي پاڪستان ٿيندو. وچ ۾ چاليهہ ڪروڙ هندو متعصب آبادي ٿيندي جنهن تي ان جي پنهنجي حڪومت ٿيندي ۽ اها حڪومت گونگن جي هوندي ڪير گونگا؟ گونگا دولت وارا، گونگا هٿن وارا، گونگا دوکي وارا. هندو پنهنجي چالاڪي ۽ دوکي سان پاڪستان کي هميشہ تنگ ڪندا رهندا. ان کي ڪمزور ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندا.

هن ورڇ جي ڪري اوهان جو پاڻي روڪيو ويندو. اوهان جي معيشت تباهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي ۽ اوهان جي حالت اهڙي ٿي ويندي جو ضرورت جي وقت مشرقي پاڪستان، مغربي پاڪستان جي ۽ مغربي پاڪستان، مشرقي پاڪستان جي مدد ڪرڻ کان لاچار هوندو.

اندروني طور پاڪستان ۾ ڪجهہ خاندانن جي حڪومت هوندي ۽ هي خاندانن زميندارن، صنعت ڪارن ۽ سرمائيدار جي خاندان مان هوندا. انگريز جي پاليل، فرنگي سامراج جي پوڪيل ٻوٽي سرن، نوابن ۽ جاگيردارن جا خاندان هوندا. جيڪي پنهنجي من ماني ڪاروائي سان محب وطن ۽ غريب عوام کي پريشان ڪري ڇڏيندا. غريب جي زندگي جنجال ڪري ڇڏيندا. انهن جي ڦرلٽ سان پاڪستان جا هاري ۽ مزدور رات جي ويلي جي ماني کائڻ لاءِ سڪندا، امير ڏينهون ڏينهن امير ٿيندو ويندو ۽ غريب ويتر غريب ٿيندو ويندو.

رات ڪافي گذري وئي هئي. حضرت امير شريعت پنهنجي سياسي بصيرت جا موتي وکيري رهيا هئا ۽ مستقبل کان نا واقف

مسلمان وات ڦاڙيو اڻ ڇاڻ واقعن کي حيرت ۽ تعجب جي حالت ۾ ڏسندا رهيا هئا. حضرت امير شريعت جن فرمايو:

پاڪستان جو بنياد:

پاڪستان جو بنياد هندو جي تنگ نظرين ۽ مسلمان دشمني تي مظبوط ٿيو آهي، دولت سان پيار ڪندڙ هندو ڳئون جي پوڄا ڪئي، پيپل مهاراج تي گل چڙهايا، ڪيولين جي ٻرڻ ۾ ڪنڊ ۾ چانور هارڻ، نانگ کي پنهنجو ديوتا مڃيو. پر مسلمانن سان هميشہ نفرت ڪئي. انهن جي ڀاڃي تائين ڪان پاڻ کي بچائي رکيو. وري هڪ وقت بہ اهڙو بہ آيو جو ذات پات جي پوڄارين وڏي ڪان وڏو هندو اڇوتن تي پنهنجي مندرن جا در کولي ڇڏيا. پر مسلمانن جي لاءِ پنهنجي دل جا دروزا ڪڏهن بہ نہ کوليا. اج انهيءَ تعصب، تنگ نظري ۽ حقارت آميز نفرت جو نتيجو آهي تہ مسلمان پنهنجو الڳ وطن گهرڻ تي مجبور ٿيو آهي ۽ ڪانگريس هي سڀ ڪجهہ ڏسي بہ پنهنجي مصلحتن تي خاموش رهي آهي. جيڪڏهن ڪانگريسي رهنماءُ هندو مها سڀائين، جن سنگهي انتها پسندن ۽ انهيءَ قسم جي تحريڪن کي پنهنجي اثر سان ختم ڪري ڇڏين ها ۽ اهي بہ ڪري سگهن پيا تہ ملسم ليگ وارن وٽ اسرڻ جي گنجائش باقي نٿي رهي. پر ڇا ڪيو وڃي تہ هي ڪوڙهہ ڪانگريس ۾ ٿيو آهي. جيڪا بيماري جسم جي اندر کان پيدا ٿئي ان جو علاج فقط ٻاهر جي اثرن کي تبديل ڪرڻ سان نٿو ٿي سگهي. ڪانگريس اسان سان نياهيو ڪونهي. جيڪڏهن مسلم ليگ ڪان بگاڙ پيدا ڪيو هو تہ نيشنلسٽ مسلمان جي ڳالهہ ئي مڃي وڃي هجي ها. پر ائين نہ ٿي سگهيو ۽ ڇا ٿيو جو اڄ هيتري قدر قربانين جي باوجود ٻئي فرنگي کي پنهنجو ثالث مڃي رهيا آهن؟ ڪير فرنگي؟ جيڪو هندستان جي لاءِ ڪڏهن بہ صحت مند ۽ انصاف تي ٻڌل فيصلو هرگز نٿو ڏئي سگهي. هاءِ ڪاش! ڪانگريس اسان سان نہ ملي تہ مسلم ليگ سان ئي مليل هجي ها تہ جيئن پاڻ ۾ گڏجي ويهي صحيح حل ڳوليو وڃي ها.

رات پنهنجي پوين پساهن ۾ هئي، صبح ٿيڻ وارو هو ۽ حضرت امير شريعت نهايت ئي آسانيءَ سان ڳالهائي رهيا هئا. ڪهڙي مجال هئي جو هڪ ماڻهو به پنهنجي جاءِ کان چريو هجي. ائين ئي محسوس ٿي رهيو هو ته هي جيئرا جاڳندا انساني شڪل ۽ صورت ۾ پٿر جون مورتيون پيون آهن.

پڇاڙيءَ ۾ حضرت امير شريعت وڏي واڪي چيو ته :

ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ٻئي ٻڌو:

امیر جمع ہیں احباب درد دل کہ لے

پھر التفات دل دوستاں رہے نہ رہے

شاهه صاحب جي اڳ ڪٿي:

ياد رکو! جيڪڏهن اڄ توهان هتي ويهي گڏجي ڪوبه معاملو طيءِ ڪري وٺو ها اهو اوهان جي حق ۾ سچو ثابت ٿئي ها. اوهان جدا جدا رهي ڪري به پاڻ ۾ کير کنڊ رهي سگهندا هئا. پر اوهان پنهنجن اختلافن جو انصاف فرنگي کان گهريو آهي ۽ اهو توهان ٻنهي جي وچ ۾ ڪڏهن نه ختم ٿيندڙ فساد ضرور برپا ڪري ويندو. جنهن سان اوهان ٻئي ڪڏهن به سڪون سان ويهي نه سگهندؤ ۽ اڳتي به توهان جو پاڻ ۾ اهڙو اختلاف پاڻ ۾ ڳالهين سان حل نه ڪري سگهندؤ. اڄ انگريز سامراج جي فيصلي سان اوهان تلوارن ۽ لٺين سان وڙهندا ايندڙ سياڻي توب ۽ بندوق سان وڙهندؤ. اوهان جي هن ناداني ۽ من ماني سان هن برصغير ۾ جيڪا تباهي ٿيندي، عورت جي جيڪا بي حرمتي ٿيندي، اخلاق ۽ شرافت جا سيئي قدر جيئن لتاڙيا ويندا، اوهان ان جو اندازو به نٿا ڪري سگهو.

پر آئون ڏسي رهيو آهيان ته هتي وحشت ۽ درندگيءَ جو جيڪو دور هوندو، پاءُ پاءُ جي رت جو پياسي هوندو. انسانيت ۽ شرافت ڪي گوگهو ڏنو ويندو ۽ ڪنهن جي به عزت محفوظ نه هوندي. نه مال، نه جان، نه ايمان ۽ سڀ جوذميدار ڪير هوندو؟ اوهان ٻئي! ڪانگريس ۽ مسلم ليگ. پر توهان سڀ ڪجهه نٿا ڏسي سگهو. اوهان جي اکين تي

اوهان جي خود غرضين ۽ هوس پرستين پردا وڌا آهن ۽ توهان هڪ اهڙي ماڻهو وانگر آهيو جيڪو عقل ورارو آهي پر صحيح سوچڻ کان عاري آهي. ڪن اٿس پر ٻڌي نٿو سگهي. اکيون اٿس پر ڏسي نٿو سگهي. ان جي سيني ۾ دل ڌڙڪي رهي آهي پر احساس کان محروم فقط گوشت جو ٻوٽ آهي.

فانها لا تعمیٰ الابصار ولکن تعمی القلوب التی فی الصدور.

اجا تقرير هلي رهي هئي تہ فجر جي ٻانگ جو آواز ڪنن تي پيو ۽ شاھ صاحب دهلي وارن کي مخاطب ٿي چيو:

دهلي وارو! ٻڌو! منهنجيون هي ڳالهيون ياد ڪجو. حالتون ٻڌائي رهيون آهن تہ وري ڪڏهن بہ اوهان سان ملاقات نہ ٿي سگهندي.

اب تو جاتے ہیں بت کدے سے میر
پھر ملیں گے اگر خدا لایا

دوستو! هي ڪجھ حقيقتون هيون جيڪي آئون بنا ڪنهن تمهيد جي ڪرڻ گهرندو هوس. جيڪي مون ڪري ڇڏيون آهن ۽ هاڻي

مانیں نہ مانیں آپ کو یہ اختیار ہے
ہم نیک و بد کو سمجھائے دیتے ہیں

شاھ صاحب اسٽيج تان اٿيا تہ صبح جي روشني پکڙجي رهي هئي ۽ ماڻهن جو اڻ کٽ سمنڊ گهرن ڏانهن وڃي موٽي رهيو هو. نواب زاده نصرالله خان جو بيان آهي تہ برطانوي مشن جو سربراھ لارڊ سٽيفورڊ ڪرپس پنهنجي وفد سان گڏ جلسي جي ٻاهريون گهمي رهيو هو. اهو شاھ صاحب جي تقرير جي جادو ۽ جلسي جا تاثرات جو جوجائزو وٺڻ لاءِ پنڊت نهرو سان گڏ موٽي هليو ويو. مولانا ابوالڪلام آزاد رحمة الله عليه برطانوي مشن سان مذاڪرات ۾ مصروفيت جي ڪري جلسي ۾ اچي نہ سگهيو هو. صبح جي نماز ڪان پوءِ آئون ڪجھ احرار جا ساٿي، مولانا ابوالڪلام آزاد رحمة الله عليه سان ملڻ سندن ڪمري تي وياسين پاڻ ان وقت ڪمري جي آڳر ۾ چهل قدمي ڪري رهيا هئا. اسان سلام ڪيو تہ مولانا جو سوال شاھ جي تقرير بابت هو. فرمائڻ لڳا:

“منهنجا ڀاءُ رات جلسو ڪيئن رهيو؟”
شاهه صاحب ڇا چيو؟“
سڄو تفصيل ٻڌايو تہ پاڻ ڏاڍا خوش ٿياءِ هڪ دل ڪي وڻندڙ مرڪ چهري تي پکڙجي وئي.

نئين عارضي حڪومت ۽ وزارتي مشن فارمولو

مسلم ليگ وزارتي مشن جي تجويز کي قبول ڪري هڪ مرڪز ۽ هڪ قوم جي اصول کي مڃي ورتو پاڪستان کي هميشہ جي لاءِ ختم ڪري ڇڏيو هو. پر ڏيڍ مهيني کان پوءِ ئي انهيءَ مسلم ليگ پنهنجي ان فيصلي کي واپس ورتو. هاڻي سڄو معاملو ۽ جهڳڙو سيٽن جو آهي تہ مسلمانن کي پنج ملن، ڇهہ نہ ملن. آئون مسٽر جناح کان پڇان ٿو تہ ڪهڙو بد بخت مسلمان هوندو جيڪو ڪانگريس جي طرف کان حڪومت ۾ شامل ٿي اسلامي مفاد جي حمايت نہ ڪندو؟ مجلس احرار اسلام ڪانگريس جي اڳيان پنجيتاليہ پنجيتاليہ ۽ ڏهہ جو فارمولو رکيو هو. يعني صوبن جي مڪمل خود مختاري ۽ دفاع، امور خارجہ ۽ مواصلات مرڪز وٽ هجن. مرڪز ۾ مسلمانن کي هندوئن جيترين سيٽون ڏنيون وڃن. جيئن هندستان جي ٻن وڏين قومن مان ڪنهن کي ٻئي قوم جي سياسي غلبي ۽ اقتدار جو خطرو باقي نہ رهي. هن بنياد تي پنجيتاليہ مسلمان ۽ پنجيتاليہ هندو ۽ ڏهہ ٻين غير مسلمان اقليتن جو فارمولو پيش ڪيو ويو. پر مسلم ليگ پنجيتاليہ جي بدران پنجٽيہ سيڪڙو قبول ڪيو. هاڻي اسان ڪهڙي منهن سان ڪانگريس کي چئون تہ اهي مسلمانن کي پنجيتاليہ سيڪڙو نيابت ڏئي.

مسلم ليگ جا ليڊر ملڪ ۾ تشدد جون ڌمڪيون نہ ڏين ۽ جوشيليون تقريرون نہ ڪن. ائين هو ملڪ جي امن کي خراب نہ ڪن. مسلم ليگ کي گهرجي تہ اها نئين عارضي حڪومت ۾ شامل ٿي وڃي. ان ڪري تہ اها حڪومت ۾ اچي مسلمانن جي سٺي خدمت ڪري سگهي ٿي. جيڪا شيءِ مسلمانن جي لاءِ فائدي مند ٿيندي،

احرار حڪومت جي ٻاهر رهي مسلمانن جي حمايت ڪندي ۽ جيڪا ڳالهہ اسلامي اصولن جي خلاف هوندي، ان جي ڪلم ڪلا مخالفت ڪنداسين.

ليگي دوستو! ڪانگريس کي اڪيلو حڪومت ڪرڻ جو موقعو نہ ڏيو.

مجلس احرار گذريل سال مسٽر جناح جي اڳيان "آل پارٽيز مسلم ڪانفرنس" جي تجويز رکي هئي ۽ ان جي لاءِ سڀني جماعتن جي نمائندن کي مولانا ابوالڪلام آزاد﷫ جي گهر تي گڏ ڪرڻ جو ذمو کنيو هو. اسان چاهيو ٿي تہ مسٽر جناح هن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿي ٻڌائين تہ مسلمانن لاءِ پاڪستان ڪيئن فائدي مند آهي. ليڪن مسٽر جناح اسان جي اپيل کي ٻوڙن ڪنن سان ٻڌو. آئون هاڻي بہ کين دعوت ڏيان ٿو تہ هو آل پارٽيز مسلم ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿي پنهنجي ڳالهہ سمجهائي.

هڪ طرف هو غير ليگي مسلمانن کي مسلمان ئي نٿا مڃين ۽ ٻئي پاسي انهن کي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏئي رهيا آهن. ان واحد نمائندگي جي خيال ۾ جڏهن انهن کي هندو ۽ انگريز ڪان ڪتو جواب مليو تہ نيشنلسٽ مسلمانن سان گڏ مجلس احرار کي بہ دعوت ڏني وڃي ٿي تہ مسلم ليگ ۾ شامل ٿي ان جو ساٿ ڏيو.

رٿيل تقسيم مسلمانن جي مسئلن جو حل ڪونهي:

منهنجي ڳالهہ ياد رکو! جيڪڏهن مسٽر جناح پنهنجي ضد تي اڙيل رهيو تہ پوءِ هندستان ئي تقسيم نہ ٿيندو، پاڪستان بہ تقسيم ٿيندو. امر تسر تائين وارو علائقو هندستان ڏي هليو ويندو ۽ پاڪستان تي آهستہ آهستہ اهي ئي ماڻهو قابض ٿي ويندا جيڪي اڄ بہ انگريز جا غم خوار ۽ نمڪ خوار آهن. هي اميرن جي هڪ جنت هوندي پر نوا نوي(99) سيڪڙو عوام جي لاءِ ساڳيا ئي ڏينهن هوندا ۽ اسلام هڪ مسافر وانگر هوندو.

آئون مسلمانن کي ويڙهائڻ نٿو چاهيان. نقطہ نظر جي ڳالهہ آهي. مسٽر جناح مسلمانن جماعتن جي هڪ مجلس مشاورت گهرائي. مون کي پنهنجي نقطي تي قائل ڪري تہ آئون ان جو سپاهي ٿي ويندس. مون کي چا ونڻو آهي ڪجهہ نہ، پر هن صورت ۾ ان جي جنگ آئون پاڻ وڙهندس.

مسلم ليگ وارؤ! توهان هندستان جي مسلمانن جو حل پاڪستان پڌايو ٿا. منهنجو نقطہ نگاهہ هي آهي تہ هندستان جي مسلمانن جو مسئلو توهان جي ٺاهيل ورچ سان ڪڏهن بہ حل نہ ٿيندو. ها! هي ڏهہ ڪروڙ مسلمان ٽن حصن ۾ ورهائجي ويندا.

جواهر لال کي تون "اشوڪ" جو تخت وچائي ڏئي رهيو آهين هندو کي ايتري سلطنت اشوڪ کان پوءِ ڪڏهن نہ ملي.

رکھیو غالب مجھے اس تلخ نوائی سے معاف
آج کچھ درد مرے دل میں سوا ہوتا ہے

(خطاب: بيرون دهلي دروازه لاهور ٢ سيپٽمبر ١٩٤٦ء)
(روزنامہ "انقلاب" لاهور ٤ سيپٽمبر ١٩٤٦ء)

صحيح فيصلن ۽ تياري جو وقت

منهنجا دوستو! هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ مسلمان پنهنجي سيني مذهبي ۽ سياسي اختلافن کي وساري فقط پنهنجي عزت بچائڻ جون تدبيرون سوچين. پاڙيسري قومون مسلمانن جي وجود کي ميسارڻ جو فڪر ڪري رهيون آهن. سکن جا گوردوار ۽ هندوئن جا مندر جنگ جا قلعا بڻجي ويا آهن. جنگ جي سامان سان تيار غير مسلمان قومون اوهان جي رت جون پياسي آهن.

آئون گذريل ٽيه سال اوهان کي هڪ پاسي انگريز جي خلاف جدوجهد تي اياريو تہ ٻئي پاسي پنهنجي پاڻ تي ڀروسو ڪرڻ جو پڙ سبق ڏنو. اوهان کي ياد هوندو تہ مون هي بہ چيو هو تہ پنهنجي اندر زنده رهڻ جون صلاحيتون پيدا ڪريو. قومون جڏهن بدلو وٺڻ ايندڀون آهن تہ پوءِ ڪنهن جو بہ لحاظ نہ ڪنديون آهن. پر اوهان منهنجي هڪ ڳالهہ بہ نہ ٻڌي بلڪ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي. آخر اهو ٿيو جنهن جو ڊپ هو.

کون سنتا ہے فغان درویش
قہر درویش بجان درویش

ياد رکجو، جيڪڏهن هاڻي بہ صحيح فيصلي ڪرڻ ۾ دير ڪئي تہ درياءِ بياس ۽ ستلج پاڻيءَ جي بدران اوهان جي رت سان وهندا جيڪي ڪجهہ منهنجيون اکيون ڏسي رهيون آهن ۽ دشمن جيڪي منصوبہ ناهي رهيو آهي، الله نہ ڪري ائين ٿئي. جيڪڏهن ائين ٿيو تہ پوءِ اوهان جي عزت ۽ آبرو جو خدا حافظ. وقت اوهان کي مهلت نہ

ڏيندو. اڻو حالتن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ ڪفن ٻڌي نڪري پئو. پنهنجي گهر ۾ جيتري قدر جنگ جو سامان جهڙو تهڙو هجي گڏ ڪريو ۽ پنهنجي حفاظت ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃو.اها منهجي آخري گذارش آهي. پوءِ الله کي خبر آهي آئون زنده رهان، يا نه رهان، يا اوهان مان ڪو حالتن جي ور چڙهي وڃي. جيڪو ڪجهه مون چيو آهي ان جي تياري ڪريو.

جس روز کسی اور پہ بے داد کرو گے
یہ یاد رہے ہم کو بہت یاد کرو گے

(احرار ڪانفرنس انباله ۾ خطاب: نومبر ١٩٤٦ء/ حياتِ امير شريعت، مرزا جانباز صفحو ٣٠٠)

وسيع تر پاڪستان

آئون هاڻي پاڪستان جو حامي آهيان، پر لولي لنگڙي پاڪستان جو نہ وسيع تر پاڪستان جو. جنهن جو هڪ وجود هجي، جيڪو واقعي پاڪستان هجي، سڄو پنجاب ۽ سڄو ڪشمير ان ۾ شامل هجي.

منهنجا نادان دوستو! اوهان ٽڪرن ۾ ورهايل پاڪستان جي پٺيان ڊوڙي رهيا آهيو. ياد رکو! ان پاڪستان جو مستقبل وڏو خطرناڪ ٿيندو. اسلام جي نالي تي حاصل ڪيل ان پاڪستان ۾ اسلام تي مسخري ڪئي ويندي. يقين ڪريو تہ پاڪستان ۾ اسلام نافذ نہ ڪيو ويندو.

(احرار ڪانفرنس انبالہ ۾ خطاب: نومبر ١٩٣٦ء) روايت: جناب وڪيل احمد قريشي،سلانوالي سرگوڌا)

آزاديءَ جي پهرين قسط، همہ گير تباهي

مون کي چڱي طرح نظر اچي رهيو آهي، آئون ڏسي رهيو آهيان تہ پري پري تائين باھ ڀڙڪي رهي آهي. گهر سڙي رهيا آهن، دوڪان لٽجي رهيا آهن ۽ لٽيرا عزتون لٽي رهيا آهن. ماءُ پٽ کي ڇڏي چڪي آهي، پيءُ ڌيءَ کي وڃائي چڪو آهي. ڀاءُ ڀيڻ کي وساري ڇڏيو آهي ۽ مڙس زال کان جدا ٿي ويو آهي. سڀ رشتا ختم ٿي ويا آهن، چئني پاسن قيامت جو صور ڦوڪجي ويو آهي، دريائن ۾ رت آهي، هوائن ۾ دونهن آهي، ڌرتي (طوطا چشم) بي وفا ٿي وئي آهي. سياستدانن جاگرافي جو نقشو ڪٽي ان تي ضرب ۽ ورڇ ڪئي آهي، پر ان جي ڪري گهٽي مدت جي لاءِ انسان مري ويو آهي. برصغير ۾ تبليغ جو دروازو بند ۽ جهاد جو جذبو ختم ڪرڻ جي سازش ڪئي وڃي ٿي. اسان سياسي حق حاصل ڪرڻ جي لاءِ ديني فرائض کان بغاوت ڪري ڇڏي آهي. مسلمانن کي تياري کان سواءِ هڪ اهڙي باھ ۾ ڌڪيو ويو آهي، جنهن جو هڪ ئي نتيجو مڪمل تباهي آهي جيڪڏهن مسلمانن سان بد عهدي ڪئي وئي تہ پاڪستان سياسي مفاد پرستن ۽ قومي غدارن جي آماجگاھ بڻجي ويندو:

لعنت بر پدرِ فرنگ

ميان اڄ کلو ٿا سياڻي روئندؤ. اوهان نٿا ڏسي سگهو. آئون ڏسي رهيو آهيان. جيڪو ڪجهہ ٿي رهيو آهي ۽ جيڪو ڪجهہ اڳتي هلي ٿيندو. هڪ وبا پکڙجي چڪي آهي ۽ هڪ بيماري اچي رهي آهي. بند ٽٽي چڪو آهي ۽ سيلاب کي روڪڻ مشڪل آهي.

ها ادا! انگريز جو مفاد انهيءَ ۾ آهي تہ ڳوٺ سڙي اگر ٿي وڃن ۽ ماڻهو مري وڃن. آخر وڃڻ ڪان اڳ فرنگي بابا آزاديءَ جي قيمت وٺي ئي ويندو.اوهان آزادي گهري هئي هي وٺو آزادي؟ هيءَ ان جي پهرين قسط آهي. قدرت ڪڏهن معاف نٿي ڪري, الله تعاليٰ وٽ دير آهي انڌير ڪونهي منهنجيون اکيون گهڻو ڪجهہ ڏسي چڪيون آهن ۽ گهڻو ڪجهہ ڏسي رهيون آهن, مون هوا جو رخ جنهن پاسي ڏٺو آهي اوهان ان جي ابتڙ ڏسندؤ. ڪلهہ ڪلا ڳالهائڻ جو موقعو ڪونهي ورنہ جيڪا ڪجهہ ڪوشش آزادي جي دور ۾ ٿيندي رهي ۽ برطانوي سرڪار پنهنجي پاليل خاندانن جي لاءِ جيڪو ڪجهہ ڪيو يا انهن خاندان برطانوي سرڪار جي لاءِ جيڪي خدمتون انجام ڏنيون اها روئداد ايتري ڪڙي آهي جو عرش ۽ فرش بہ ڏڪي وڃي ٿو.

(مارچ ۱۹۴۷ء دفتر احرار لاهور)

(سيد عطاء الله شاه بخاريؒ سوانح وافڪار, شورش ڪاشميري)

وائسراءِ جو اعلان: جناح ۽ نهرو جو اتفاق

اوهان وائسراءِ جو اعلان ٻڌي چڪا آهيو. مسلم ليگ جي طرف کان مسٽر جناح ۽ ڪانگريس جي طرف کان پنڊت نهرو ملڪ کي نئين تجويز ٻڌائڻ جي سفارش ڪئي آهي. هاڻي جڏهن ته پاڪستان کنهن نه کنهن صورت ۾ اسان جي اڳيان اچي ويو آهي. اسان لاءِ ان جي حسن ۽ خرابيءَ جو اندازو ڪرڻ آسان ٿي ويو آهي. هن فيصلي سان پنجاب ۽ بنگال کي ئي ورهائڻ تي بس نه ڪئي وئي. بلڪ وائسراءِ ١٩٤١ع جي آدم شماريءَ کان سواءِ ٻين ضروري ڳالهين کي آڏو رکي ورهائڻ جو اشارو به ڪيو آهي. ۽ پريس ڪانفرنس ۾ خيال جي طور تي ضلع گورداسپور جي گهڻن حصن کي مسلم پنجاب مان جدا ڪرڻ جو فيصلو به ڪيو آهي. پنجاب مان جالنڌر ڊويزن جهڙو زرخيز علائقو امرتسر جهڙو واپاري مرڪز ۽ گورداسپور جهڙي شاندار حصي کان سواءِ پنجاب جي اقتصادي حالت ان صوبي جي وقار ۽ دفاعي روايتون هميشه جي لاءِ ختم ٿي ويون آهن. مسٽر جناح اجا گهڻا ڏينهن نه گذاريا آهن، پاڪستان جي هڪ هڪ انچ جي لاءِ وڙهڻ جو اعلان ڪيو هو ۽ پاڪستان کان سواءِ سادا اٺ سؤ ميل ڊگهي رستي جو مطالبو به ڪيو هو.

اسان کي هاڻي ٿڌي دل سان حالتن جو صحيح جائزو وٺڻ گهرجي ۽ هن فيصلي تي ٻوڙهي نظر سان سوچ ۽ ويچار ڪرڻ کان پوءِ ڪو رايو قائم ڪرڻ گهرجي. اڄ وڙهڻ ۽ جهڳڙي ڪرڻ جو وقت ڪونهي.

قومن جي جي تقديرن جي سنوارجڻ ۽ بگڙجڻ جو وقت آهي. اسان کي هي بہ ڏسڻو آهي تہ امر تسر جي سرفروشن جي قربانين ۽ ميواتي مجاهدن جي ايثار کي مسلم ليگ ڪونسل ڪيئن وساري سگهي ٿي. ان کان سواءِ اڄ اسان کي پنهنجي پنج ڪروڙ مسلمان ڀائرن کي نہ وسارڻ گهرجي، جيڪي اقليتي صوبن ۾ هندوئن جي ماتحت هليا ويندا. هندستان جي مسلمانن جي اڌ آباديءَ کي بي يارو مددگار نٿو ڇڏي سگهجي. موجوده پاڪستان جي اقتصادي حالتون لازمي طور ان کي مجبور ڪنديون تہ هو پنهنجو تعلق غير معين عرصي جي لاءِ برطانيہ سان بر قرار رکي. اهڙي طرح هندستان جي آزاديءَ جي اميد ۾ هندستان جي مسلمانن جو ڪو بہ حصو نہ هوندو.

مون کي يقين آهي تہ انبالہ ڊويزن، جالنڌر، امر تسر، گورداسپور ۽ مغربي بنگال جو مسلمان ڪڏهن ان نا منصفانہ ۽ جائدادانہ ورڇ کي منظور نہ ڪندو. گوڙگانوه ۽ امر تسر جي مسلمانن جون بي پناه قربانيون نهايت ئي درد انگيز ۽ نہ وسرندڙ آهن. هن موقعي تي انهن بهادر فرزندان توحيد کي جن جا گهر ويران ٿي چڪا آهن، نظر انداز ڪرڻ ايتري وڏي غداري هوندي، جنهن کي ايندڙ نسل ڪڏهن بہ معاف نہ ڪندو.

هندستان جي جي برطانوي ٿيٽريڪل ڪمپني ۾ جيڪو ڊرامو ڏيکاريو ويو آهي، اهو مسلمانن جي لاءِ هاڃيڪار آهي. اها ئي شيءِ ١٩٤٤ء ۾ راج گوپال اچاريہ جي اشاري تي گانڌي مسٽر جناح کي پيش ڪئي هئي. ان وقت مسٽر جناح چيو هو تہ هي اسان جي لاهور واري قرارداد جي خلاف آهي. ان کي مسلمانن جي پياري نصب العين تي ڪاپاري ڌڪ آهي. پر هاڻي ساڳئي ڳالهہ مسٽر جناح منظور ڪئي آهي. جيڪڏهن ١٩٤٤ء ۾ ان اسڪيم کي منظور ڪيو وڃي ها تہ هندستان قتل ۽ غارت ۽ فساد جي باه کان بچي وڃي ها. هزارين گهر برباد نہ ٿين ها. هندستان جي عزت ٿئي ها. هاڻي انهيءَ لاءِ مسٽر جناح ان اسڪيم کي منظور ڪيو آهي تہ وٽس دفاع جي طاقت ڪونهي. اهو انگريزن جو مقابلو نٿو ڪري سگهي. جيئن تہ وائسراءِ

هندو لارڊ مائونٽ بيٽن پنهنجي ايوارڊ جي پهرين لفظن ۾ چيو هو تہ جيڪڏهن هندستان جي ليڊر وزارتي مشن جي اسڪيم کي مڃين تہ ٺيڪ آهي نہ تہ هي ايوارڊ هر حال ۾ انهن کي مڃڻو پوندو.

ان ڪري مسٽر جناح ان اسڪيم کي مڃڻ تي آمادگي ظاهر ڪئي آهي. مجلس احرار کي اليڪشن ۾ ناڪام ٿيڻ جو ڏک نہ ٿيو هو جيترو هاڻي مسٽر جناح جي ان اسڪيم کي مڃڻ سان ڏک ٿيو آهي.

پنجاب، بنگال ۽ هندستان جي مسلمانن جو سڀ کان پهريون فرض آهي تہ هو جائز طريقي سان ان اسڪيم جي مخالفت ڪن ۽ هندستان جي هنن ٻن وڏين پارٽين تي زور ڏين تہ هو ان اسڪيم کي رد ڪري ڇڏين ۽ ٻيو ڪو رستو ڪڍي. جنهن سان بد نصيب هندستاني مسلمان آرام ۽ سڪون جي زندگي گذاري سگهن.

(آل انڊيا احرار ورڪنگ جي اجلاس ۾ صدارتي خطاب)
(منعقده ١٠، ١١، ١٢، جون ١٩٤٧ء)
(ڪاروان احرار جانباز مرزا، جلد ٨ صفحو ٢٩٩ کان ٣٠١)

دوستي جا سڀ رشتا ختم ٿي ويا

”دهلي وارؤ! اوهان کي ياد هوندو ته گذريل سال هن ئي جڳهه ۾ اوهان کي چيو هو ته مون کي پاڪستان ٺهڻ جو ايترو يقين آهي، جيترو اوهان جو جيڪي منهنجي اڳيان ويٺا آهيو. فرنگي پنهنجي ضرورت جي لاءِ هن ملڪ کي ورهائيندو. اڄ برطانيه جي تازي اعلان منهنجي ڳالهه سچي ثابت ڪري ڇڏي آهي. مون کي ياد آهي، مون هي به چيو هوس ته انگريز کي ثالث قرار ڏيڻ بدران جيڪڏهن پاڻ ۾ ڳالهيون طيءِ ڪريو ته ٺيڪ آهي. مون هي به عرض ڪيو هو ته جنهن ڪم کي اوهان مستقبل جو امن سمجهو ٿا اهو ئي اوهان جي لاءِ هميشه عذاب بڻجي ويندو. اوهان منهنجي ڳالهه نه مڃي. هن وقت اوهان جذبات ۾ آهيو ۽ پنهنجي رستي ۾ اوهان اهڙا ڪنڊا پوکيا آ هن، جو قيامت تائين اوهان جي دل ۽ اوهان جو ايمان زخمي ٿيندو رهندو.

پنجاب ۽ بنگال جي ورهاڱي زندگي جي راهن کي ويتر پري ڪري ڇڏيو آهي. هي راهون جيڪڏهن محبت سان ٺاهيون وڃن ممڪن آهي ته اها پريشاني پيدا نه ٿئي. پر دشمنيءَ سان ٺاهيل لڪير دوستيءَ جا سڀ رشتا ختم ڪري ڇڏيا آهن.

(ورڪنگ ڪميٽي جي اجلاس کان پوءِ اردو پارڪ دهلي ۾ عام جلسي کي آخري خطاب ۱۲ /جون ۱۹۴۷ء)

(ڪاروانِ احرار، جانباز مرزا، جلد ۸ صفحو۳۰۳)

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ

برٽش راڄ:
“منهنجي حڪومت ۾ سج نہ لهندو آهي”
امير شريعت:
مڪافات جي عمل کان غافل نہ ٿيءُ
ڪٿي آهي بادشاهي؟
ڳوليان ڳوليان مَر لهان

پاڪستان جي فلاح ۽ بهبود

ليگ سان اسان جي سياسي چڪتاڻ هاڻي ختم ٿي وئي آهي ۽ اليڪشن سان ئي ختم ٿي وئي هئي. هن وقت ليگ قوت حاڪم آهي. مسلمانن ان کي ٺاهيو آهي ۽ قبول ڪيو آهي. پاڪستان نہ فقط مسلم ليگ جو بلڪ ڪانگريس جو تقسيم پنجاب جي واڌاري سان ميچيل معاملو آهي جنهن تي "حضور" برطانيہ جو ٺپو لڳل آهي. ان ۾ فقط مسلم ليگ کي ملامت جو نشانو بڻائڻ شرافت جي قانون جي خلاف آهي. جيڪڏهن صحيح ڪيو تہ ڪانگريس ۽ ليگ ٻنهي صحيح ڪيو. جيڪڏهن خراب ڪيو تہ ٻنهي خراب ڪيو. هاڻي پاڪستان ٺهي ويو آهي ۽ پنجاب جي ورچ کي ڪانگريس پيش ڪري مسلمانن کان پاڪستان جي وڏي قيمت ورتي ۽ وٺي رهي آهي. هاڻي نہ چاڻ ڪيستائين مسلمانن کي وياج ۾ سودو ڪرڻو پوندو.

منهنجو هاڻي آخري مشورو اهوئي آهي تہ هر مسلمان کي پاڪستان جي فلاح ۽ بهبود جا رستا سوچڻا گهرجن ۽ ان جي لاءِ عملي اُپاءُ وٺڻ گهرجن.

مجلس احرار اسلام کي هر نيڪ ڪم ۾ پاڪستان جي حڪومت جو ساٿ ڏيڻ گهرجي ۽ شريعت جي خلاف ڪم کان پاسو ڪرڻ اصلاح احوال لاءِ هڪ ٻئي سان ملي ڪري "الدين النصيحة" (دين خير خواهي جو نالو آهي) تي عمل ٿيڻ گهرجي. هي نبي ڪريم ﷺ جو فرمان آهي.

مجلس (احرار) جو قيام ۽ بقاء بهرحال هڪ شرعي ڳالهہ آهي. صحيح عقيدن جي تبليغ ۽ باطل ريتن رسمن تي تنقيد، اعلاءِ ڪلمة الحق، اعلان ۽ بيان ختم نبوت ۽ اظهار فضائل صحابہ رحمۃ اللہ علیہ ۽ اهل بيت رحمۃ اللہ علیہ مجلس احرار جي خاص ذميوارين ۾ شامل آهن. خاص ڪري هن لاديني دور ۾ انسانن جي سيني مشڪلاتن جي لاءِ شريعت محمدي ﷺ کي ئي بطور حل پيش ڪرڻ اسان جي ذميواري آهي تہ جيڪڏهن اسان جيل ۾ ڦاسيءَ تائين بہ پهچي وڃون تہ الحمد لله تنهن ڪري مجلس جي قيام جي هرحال ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

جيڪڏهن دوستن کي هي ڳالهيون معقول ۽ مدلل نظر اچن تہ انهيءَ بنياد تي ايندڙ زندگي جي عمارت کي مظبوط ڪن.

غريب الديار

سيد عطاء الله شاه بخاري

ماستر تاج الدين انصاري جي نالي خط خان ڳڙھ ٢٤ /ڊسمبر ١٩٤٧ء

پاڪستان ۾ اسلام جي نفاذ ڪان ياڃ چو؟

جيڪي ماڻهو اسلام جي نظام حڪومت ڪان جان ڇڏائين ٿا ۽ اقتدار تي ويهي اسلامي نظام جي قائم ڪرڻ ڪان ڀڄن ٿا ۽ عوام ڪي پنهنجي ذهنيت جي اصلاح جي لاءِ چون ٿا، اهي اصل ۾ اسلام تي الزام هڻن ٿا ۽ خود اسلام ڪان پري ڀڄن ٿا. جڏهن سڀ ڪجهه اسلام جي نالي تي حاصل ڪيو ويو آهي ته پوءِ جنهن نالي سان اها طاقت حاصل ڪئي وئي آهي، ان ڪان منهن ڇو ٿو موڙيو وڃي؟

اسلام هڪ آفاقي ۽ عالمگير دين آهي. اسلام هڪ اهڙو نظام آهي، جيڪو ازل اول ڪان وٺي آخر قيامت تائين هر انساني جماعت جي خوشحالي ۽ برتري جو ضامن آهي. اهو بنيادي سعادتن ۽ دنيوي خوش نصيبن جو توشو آهي ۽ اسان ان تي هلڻ لاءِ پنهنجي لاءِ سيني انسانن لاءِ ۽ انساني معاشري لاءِ صحت مند مستقبل تيار ڪري سگهون ٿا.

مسلمان ۽ موت جو ڊپ هڪ هنڌ نٿو گڏ ٿي سگهي. جيڪي ماڻهو قرآني نظام ڪي شڪي نظرن سان ڏسي رهيا آهن. انهن جي نظر ختم ٿي چڪي آهي ۽ پنهنجي ذاتي ڪوتاهين ڪي اسلام جي ڪوتاهين سان تعبير ڪن ٿا.

(صوبائي احرار ڪانفرنس لائل پور (فيصل آباد) ٣٠ /مئي ١٩٣٨ء)

نالو اسلام جو ڪم انگريز جو

ملڪ ورهائي انگريز تحريڪ آزاديءِ هند کي جيئن ختم ڪيو آهي، ان مان حقيقت ۾ ڪا بہ تبديلي نہ ٿي آهي ڇاڪاڻ تہ ان کي اڄ نہ سياڻي وچڙو ئي آهي. ان سوچيو آهي تہ آٽيو پنهنجي بہ سو سالہ اولاد (معنوي) کي وارث بڻائي ڇڏيان تہ پوءِ اچڻو پوندو تہ لڙائي جهڳڙو نہ ٿئي ۽ هاڻي بہ اهو ڪاڏي هليو ويو آهي؟ هتي ئي اندر موجود آهي ۽ پردي جي پنيان بيٺل آهي. ڪجهہ ڏينهن تائين چڱي طرح ڪلي ڪيڏندو. مسلم ليگ جي طرف کان پاڪستان ۾ اسلامي حڪومت جي قائم ڪرڻ جو خيال تہ جنهن جي نالي تي الله ۽ سندس رسول ﷺ ۽ قوم کي دوکو ڏنو ويو آهي، پنهنجي پاڻ کي دوکي ڏيڻ کان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي.

اڃا تہ گهڻو ڪم رهيل آهي. هڪ زوراڻتي ڌڪي جي ضرورت آهي. تڏهن شايد اطمينان جي ڪا صورت پيدا ٿئي ۽ جيستائين نہ ٿيندو اسان لاءِ ٻئي حالتون برابر آهن بلڪ هي انگريز جي حڪومت کان بہ بدتر آهي! انگريز تہ هيو ئي ڪافر! هاڻي نالو اسلام جو آهي ۽ ڪم انگريز جو آهي.

(جولائي ١٩٤٨ء خان ڳڙهہ هڪ مجلس ۾ ڳالهہ ٻولہ)
(روايت: حضرت مولانا سيد ابو ذر بخاري رحمۃ اللہ علیہ)
("سواطع الهام" صفحو١١٩)

سياست کان پري؟

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ مجلس احرار جي مجلس عاملہ نئين حالتن جي پيش نظر پنهنجي آئنده پاليسون جوڙي سياست کان پري رهڻ کي پسند ڪيو آهي. مجلس پنهنجي سرگرمين کي دين جي تبليغ، حالتن کي ٺيڪ ڪرڻ ۽ پاڪستان جي دفاع جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي طرح ١٢، ١٣، ١٤ / ١٩٤٩ء ڌاران "دفاع پاڪستان احرار ڪانفرنس" لاهور ۾ منعقد ٿي جنهن ۾ پنجاهه هزار ڳاڙهي پوشاڪ وارن احرار جي ڪارڪنن شرڪت ڪئي. ڪانفرنس جي پڇاڙيءَ ۾ مجلس عاملہ جي قرارداد پيش ڪئي وئي. حضرت امير شريعت سيد عطاء الله شاهه بخاريؒ مجلس عاملہ جي اجلاس ۾ ان قرارداد جي ڪجهہ حصن سان اختلاف ڪيو هو. جيئن تہ اجلاس ۾ گهڻن شريڪ ٿيندڙن ان کي منظور ڪيو هو. ان ڪري حضرت امير شريعت جماعت جي فيصلي کي مڃيو. نہ تہ سندن خيال مڪمل سياست کان پري رهڻ نہ هو. فقط انتخابي سياست کان پري رهڻ کي صحيح سمجهيو. جيئن ١٩٤٦ء جي اليڪشن ۾ پاڻ حصو نہ وٺڻ جو مشورو ڏنو هو پر جماعت ان ۾ حصو وٺي نقصان ڪنيو. ائين ١٩٤٩ء ۾ بہ سندن خيال صحيح هو. اهڙي طرح مڪمل پري رهڻ جي فيصلي سان جماعت کي گهڻو نقصان پهتو.

حضرت امير شريعت جو مشورو هي هو تہ:

"هن وقت مسلم ليگ جي حڪومت آهي. نئون ملڪ ٺهيو آهي ۽ ان کي ڪيترن ئي مسئلن جو منهن ڏسڻو آهي. خاص ڪري

انگريزي استعمار جا ايجنٽ قادياني، پاڪستان جي اقتدار تي قبضي ڪرڻ جي سازشن ۾ مصروف آهن. ان ڪري ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ مجلس احرار اسلام سياست ۾ مسلم ليگ سان ٽڪرائڻ بدران مفاهمت جي راهہ اختيار ڪري، انتخابي سياست سان عارضي طور تي پاسيرو ٿي پنهنجون سڀ صلاحيتون ۽ سرگرميون ختم نبوت جي تحفظ ۽ پاڪستان جي خلاف قادياني سازشن کي ناڪام ڪرڻ ۾ خرچ ڪري”.

شورش ڪاشميري رحمة الله عليه شاهہ صاحب جي سوانح ۾ انهن واقعن جو ذڪر ڪندي ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ لکيو آهي:

“اسان شاهہ صاحب جي ڳالهين کي مجذوب جي جي ڳالهہ سمجهون ٿا پر سندس سڀ ڳالهيون سچيون ٿينديون رهيون”.

١۴ / جنوري ڏاران ڪانفرنس جي پڇاڙيءَ ۾ حضرت امير شريعت رحمة الله عليه پنهنجي خطاب ۾ مجلس عاملہ جي قرارداد جي تائيد ضرور ڪئي، پر ان سان گڏ هي بہ فرمايو تہ هيءَ اوهان جي ڳالهہ آهي منهنجي دل جي ڳالهہ ناهي. شاهہ صاحب جي دل جي ڳالهہ اڳيان پڙهو.

دل جي ڳالھ

منهنجا پيارا دوستو!

گهڻي وقت کان پوءِ اوهان جي خدمت ۾ مون کي ڪجهه گذارشون پيش ڪرڻ جو موقعو مليو آهي. آئون ڪمزور آهيان، هاڻي اڳوڻي طاقت نه رهي آهي، جيڪا به چار سال اڳ هئي ان ڪري منهنجي گذارش آهي ته اوهان خاموشيءَ سان منهنجي مدد ڪريو. آئون اوهان جو گهڻو وقت نه وٺندس. آئون اوهان سان ڪجهه ڳالهيون ڪرڻ گهران ٿو.

دهليءَ ۾ هڪ مجذوب چپلي قبر جي چوڌاري گهڻو ڪري هي شعر پڙهندو هو:

اس لیے مجھ کو تڑپنے کی تمنا کم ہے

بار ان جي پنيان گوڙ ڪري چوندا هئا ته، ڪنهن جي لاءِ؟ پر اهو شعر جي ٻي سٽ نه پڙهندو هو ماڻهو ان کي تنگ ڪندا هئا، پر هو فقط اهو ئي چوندو هو "اس لیے مجھ کو تڑپنے کی تمنا کم ہے"

هڪ ڏينهن ڪجهه نوجوانن ان کي مجبور ڪيو ته شعر جي ٻي سٽ به ٻڌائي. تنگ اچي ان فقير چيو:

وسعت دل ہے بہت وسعت صحرا کم ہے
اس لیے مجھ کو تڑپنے کی تمنا کم ہے

هي چئي تڏي آهه ڀري تڙپي تڙپي دم ڏنيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيو.

اوهان به مون کان دل جي ڳالهه نه پڇو. آئون پنهنجي دل جي ڳالهه ڇوڙڻ نه آيو آهيان، اوهان جي دلين جي ڳالهه ڇوڙڻ آيو آهيان.

ڪانگريس جي سڀ کان وڏي ليڊر گاندهي چيو هو تہ هندستان جي ورهاڱي کي مون جي ٻن ٽڪرن جيتري آهي، آئون ان کي ڪڏهن بہ قبول نہ ڪندس. هيءَ خبر اخبارن ۾ ڇپي تہ ليگين چيو تہ :"نہ نہ، ٻہ ٽڪرا ٿيندا" آئون هاڻي ليگ جو نالو چوونان. هي مطالبو انهن پنجاسي (٨٥) سيڪڙو مسلمانن ڪيو آهي.

اهڙي طرح گاندهيءَ جي زندگيءَ ۾ مونٽ بيٽن جي اڳيان پنڊت نهرو ۽ مسٽر جناح هندستان جي ورهاڱي کي قبول ڪيو يعني ڪانگريس ڳئون جا ٻہ حصا ڪري ڇڏيا. بنگال ۽ پنجاب جي ورهاڱي جو مطالبو ڪانگريس ڪيو آهي. ڪير ڪانگريس؟ نيشنلزم جي دعويدار، هڪ وطن هڪ تهذيب ۽ هڪ ملڪ جو نعرو هڻندڙ ڪانگريس، ان ڪانگريس ضلعن کي ورهايو. گهڻن ورهاستن کي قبول ڪيو. ڳئون ماتا کي ٻہ حصا نہ ڪيا بلڪ ڳئون جو قيمو ڪري ان جا ڪوفتا ٺاهي ڇڏيا.

ٻڌندڙن جا بي اختيار وڏي آواز سان ٽهڪ ڏيڻ جا آواز آيا تہ پاڻ فرمايو:

"هي وقت کلڻ جو نہ آهي، نوجوانو! سوچڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيت پيدا ڪريو. زنده رهڻ جا ارادا سوچيو ۽ سپاهي بڻجي وڃو".

هن وقت ڇئني پاسن کان جيڪي ڪارا ڪڪر ڇانئجي رهيا آهن، نہ توهان انهن کان بي خبر آهيو نہ آئون بي خبر آهيان. انهن حالتن مجبور ڪيو تہ آئون اوهان جي سامهون اچان. آئون جيڪو چوان ٿو اهو دل جي ڳالهہ نہ آهي بلڪ اج کان هڪ سال اڳ ٢٤/ ١٩٤٧ء ۾ اجمالي طور تي هڪ تحرير جي ذريعي مون جماعت کي هڪ پيغام موڪليو هو جيڪو اخبارن ۾ ڇپيل آهي.

ڊسمبر (١٩٤٧ء) جي پڇاڙيءَ ۾ جڏهن حادثن جو طوفان رڪجي چڪو تہ لاهور ۾ اسان جي جماعت جي مجلس عاملہ جو اجلاس ٿي رهيو هو. آئون ان وقت بيماريءَ جي بستري تي هوس. لڳاتار ٽن مهينن کان بيمار هوس ۽ منهنجي بچڻ جي گهٽ اميد هئي. ان وقت مون

پنهنجي دوستن نواب زاده نصرالله خان ۽ سردار محمد شفيع جي معرفت ماستر تاج الدين انصاري جي خدمت ۾ هي خط موڪليو هو.

مسلم ليگ سان اسان جو اختلاف فقط هي هو تہ ملڪ جو نقشو ڪيئن ٿهي. هي اختلاف نہ هو تہ ملڪ نہ ٿهي، بلڪ هي تہ ان جو نقشو ڪهڙو هجي. هي ڪو بنيادي اختلاف نہ هو. اسان چاهيون ٿا تہ پورا ڇهہ صوبا ملن ۽ مسلم ليگ بہ اهو چاهي پئي. اسان جو اختلاف مرڪز جي عليحدگي تي هو.

مسلم ليگ بہ فرقہ پرست جماعت هئي ۽ احرار بہ. مسلم ليگ ۾ بہ ڪو بہ غير مسلمان شامل نہ ٿي سگهندو هو ۽ احرار ۾ بہ ڪو غير مسلمان شامل نٿو ٿي سگهي. بس اختلاف ايترو هو تہ اسان چاهيون پيا تہ آزادي ملي وڃي پر ٿورو ڪجهہ مظبوط ٿيون ۽ ان کان ڏهہ سال کان پوءِ مرڪز کان جدا ٿي ويندا سون. پر ليگ چوي پئي تہ نہ. مرڪز سان گڏ اسان ڪو بہ الحاق نہ رهي سگهندو. جيڪڏهن نہ تہ ملڪ جي ورڇ جا اسين قائل هئا سين. ڪرپس فارمولو هاڻي بہ موجود آهي ان ۾ ملڪ جي تقسيم جو مسئلو آهي.

پوءِ! هاڻي اسان جو مسلم ليگ سان ڪو بہ اختلاف ڪونهي، نہ اڳ ۾ اسان جو پاڻ ۾ مذهبي اختلاف هو. نہ هاڻي اختلاف آهي، نہ الله جو اختلاف آهي، نہ رسول جو اختلاف آهي، نہ ڪفر ۽ ايمان جو اختلاف آهي، نہ اسان ولي آهيون. نہ مسلم ليگ وارار قطب آهن. جيڪڏهن مسلم ليگ وارا گناهگار آهن. تہ پوءِ اسان ڪهڙا بزرگ آهيون. اسان جو ۽ انهن جو اختلاف فقط مرڪز کان جدا ٿيڻ تي هو ۽ داغ جي لفظن ۾ هيئن چوان ٿو:

مدت سے ان کی قیامت کی ہے تکرار
بات اتنی ہے وہ کھتے ہیں آج

پاءُ حسام الدين اوهان جي اڳيان جيڪا قرارداد پيش ڪئي آهي، اها مجلس احرار جي آئنده پاليسيءَ جو آئينہ دار آهي.

پاڪستان جي حفاظت:

مجلس احرار هاڻي مذهبي ۽ اصلاحي ڪمن ۾ سرگرم رهندي. ختم نبوت جي عقيدي جي حفاظت ان جو بنيادي مسئلو آهي. سياست هاڻي اسان جي منزل ڪونهي. اهو ڇاڪاڻ ته هاڻي مسلم ليگ ۽ ان جو ڪم.

ان جو مطلب هي ڪونهي ته مسلم ليگ وٽ طاقت آهي ۽ اسان ان جي طاقت کان ڊڄي ويا آهيون. نه نه، بلڪ ملڪ جي ضرورت ۽ حالتون اسان کي مجبور ڪن ٿيون ته اسان متحد ٿي بنا ڪنهن اندروني اختلاف جي پاڪستان جي ڪمزور بنيادن جي حفاظت ڪريون. هنن لفظن سان قرارداد جي تائيد ڪريان ٿو.

هن موقعي تي ڪشميري رهنماءُ چوڌري غلام عباس جنهن کي مجلس پنهنجي اجلاس ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني هئي، پنڊال ۾ داخل ٿيو. مجلس احرار جي ڪارڪنن پنهنجي خاص انداز ۾ان جو استقبال ڪيو. ان دوران "ڪشمير اسان جو آهي" جا نعرا گونجڻ لڳا. چوڌري صاحب جي اچڻ سان ڳالهه ٻي پاسي هلي وئي. امير شريعت چوڌري غلام عباس ۽ ٻين نوجوانن کي خطاب ڪندي فرمايو:

آزاديءِ ڪشمير:

دوستو! الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو اوهان ڪهڙي ڪشمير وٺڻ جي سڌ ڪريو ٿا يا ڪنهن ڪشمير بابت سوچيو ٿا؟ هاڻي اوهان به ٻڌو ۽ چوڌري صاحب به ٻڌي. اصل ڪشمير ته ورهاست جي عمل ۾ اوهان پنهنجن هٿن سان ڏئي چڪا. جيڪڏهن فائر بندي جي ڳالهه نه هجي ها ته ممڪن آهي ته ڪو رستو نڪري پوي ها. فرنگي ۽ هندو ڪنهن به صورت ۾ اوهان کي ڪشمير نٿا ڏيڻ چاهين. ها جيڪڏهن ڪڏهن به انهن ضرورت محسوس ڪئي ته شايد اهي هن مستقل فساد کي ختم ڪري ڇڏين ۽ ممڪن آهي ته ان جو ڪجهه حصو به اوهان وٽ اچي وڃي.

نہ تہ اهو ڪشمير جيڪو ذهنن ۾ جنت جو نشان آهي. جنهن جي متعلق منهنجو رايو آهي تہ الله تعاليٰ آسمانن تي پنهنجي موجودگي ۾ تيار ڪرائي ان کي زمين تي لاٿو ۽ اهو جنت جو هڪ ٽڪرو آهي. هن زميني جنت ۾ هاڻي ڪونهي بلڪ ١٩٣٠ء کان مسلمانن تي ظلم ٿي رهيو آهي. ان زماني ۾ اسان مجلس احرار وارن انهيءَ ڪشمير جي متعلق مسلمانن سان هڪ ڳالهہ ڪئي هئي. اسان ڊوگره شاهي ۽ هندوئن جي ظلمن جي خلاف آواز اٿاريو هو. مسلمانن جو ڏيان ڇڪايو هو تہ ڪشمير اوهان جو آهي، ان کي بچايو ان جي مستقبل کي محفوظ ڪريو. پر ان وقت جي رئيس مسلمانن جن جو دخل فرنگي ايوانن ۾ هو اسان جي ڳالهہ نہ ٻڌائون. پر مجلس احرار اسلام جي اپيل تي آزاديءِ ڪشمير جي لاءِ هلندڙ ڀرپور عوامي تحريڪ ۾ پنجاهه هزار مسلمان قيد ٿيا ۽ اسان جا ٻاويہ نوجوان شهيد ٿيا. تڏهن اسان جي ڳالهہ کي مڃيو وڃي ها تہ اڄ ڪشمير جو نقشو ائين نہ هجي ها.

رئيسن کي اڳ ۾ بہ ڪجهہ نہ ٿيو ۽ هاڻي بہ ڪجهہ فرق نہ پوندو پر جهاد جي جذبي سان سرشار مسلمان ڀرپور ڏينهن کان هن وقت تائين قرباني ڏيندا اچن ٿا. سندن جانيون هن جنت نظير جي آزادي جي جنگ ۾ ڪم آيون آهن:

رتبہ شہیدِ ناز کا گر جان جایئے
قربان جانے والے کے قربان جایئے

(خطاب: دفاع پاڪستان احرار ڪانفرنس ١۴ / جنوري ١٩۴٩ء، احرار پارڪ دهلي دروازه لاهور)
("حياتِ امير شريعت" جانباز مرزا، صفحو٣٢٧)

اسلام ۽ پاڪستان

مسلم ليگي رهنماءُ راجہ غضنفر علي گذريل سال راولپنڊي ۾ چيو هو تہ:

“اهو زمانو ختم ٿي ويو جڏهن بخاري قرآن پڙهائي پڙهائي ماڻهن کي (اُلو) بيوقوف بڻائيندو هو. هاڻي پاڪستان ٺهي ويو آهي. هتي هاڻي انهن ڳالهين جي ڪا بہ جاءِ ڪونهي.”

مون جواب ۾ چيو هو:

پاڪستان ۾ حڪمرانن جي هٿان دين جو جيڪو حشر ٿيندو اهو انتهائي هاجيڪار ۽ شرمناڪ هوندو. مون تہ اڳ ۾ بہ چيو هو تہ هندستان ۾ مسلمان کي نہ رهڻ ڏنو ويندو ۽ پاڪستان ۾ اسلام کي نہ رهڻ نہ ڏنو ويندو. پر جيڪڏهن اسلام نہ رهيو تہ پاڪستان ڪيئن رهندو؟

پاڪستان ۾ دين جو بس الله ئي محافظ آهي. هتي فرنگي جا جانشين فرنگي کان بہ وڌيڪ دشمن آهن. شايد ڪجهہ وقت کان پوءِ هن ملڪ ۾ دين اسلام جو لفظ بہ ماڻهن جي سمجهہ ۾ نہ اچي سگهي. آثار سٺا نہ آهن.

(ملتان، مارچ ۱۹۴۹ع)

(“سواطع الهام” مرتب: مولانا سيد ابو ذر بخاري رحمة الله عليه، مارچ ۱۹۵۵ع، صفحو۱۲۹)

هفت روزه “چٽان” لاهور سالنامہ، جنوري ۱۹۶۲ع)

پاڪستان منهنجو ملڪ آهي، آئون ان جو وفادار آهيان

ملڪ جي ورهاست کان اڳ هڪ مسئلي تي مون ليگ سان ديانت دارانه اختلاف ڪيو هو. فقط هڪ سياسي مسئلي جو اختلاف هو. راءِ جو ٽڪراءُ هو. برادري جي ٻن پائرن جي وچ ۾ هڪ سوال تي بحث هو.

منهنجي دل ۾ ڪجهه خدشا هئا جنهن جي لاءِ وقت جي سياسي فضا اطمينان جوڳي نه هئي. قوم فيصلو ڪري ڇڏيو ۽ جنهن ديانت داري سان اسان اختلاف ڪيو هو انهيءَ ديانتداري سان اسان برادري جي فيصلي کي مڃي ورتو. هاڻي هي ملڪ منهنجو آهي، آئون ان جو وفادار شهري آهيان. جنهن کي وچڙو هو سو هليو ويو. آئون هتي آهيان ۽ هتي ئي رهندس. هتي ته منهنجي جنگ جي پڄاڻي آهي ۽ هوڏانهن وڃان ته هاڻي منهنجي جنگ جي شروعات هوندي.

(روز نامه "آزاد" لاهور، ١۴/ نومبر ١٩۴٩ء ادارتي صفحو)

پاڪستان جو دفاع

ڪشمير پاڪستان جو جگر آهي.

رضا ڪارؤ! پاڪستان جي دفاع جي لاءِ فوج ۾ ڀرتي ٿيو. اسان پنهنجيون خدمتون بنا ڪنهن شرط جي پاڪستان حڪومت جي حوالي ڪريون ٿا.

(روز نامہ ”آزاد“ لاهور، ۱۴/نومبر ۱۹۴۹ء، لاهور ۾ خطاب)

”احرار رضا ڪارؤ! وچو قومي رضا ڪارن جي نيشنل گارڊ ۾ ڀرتي ٿيو هاڻي ڳلين ۽ رستن ۾ هيڏي هوڏي ڦرڻ جو وقت نہ رهيو آهي. فوجي ٽرينگ وٺي ملڪ ۽ ملت تي جان قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃو. مجلس جو سرمايو اوهان آهيو. منهنجي سڄي زندگي جي ڪمائي اوهان آهيو. آئون اوهان کي قوم جي حوالي ڪريان ٿو ۽ خوش آهيان تہ اسان جي سڄي عمر جي ڪمائي صحيح ڪم آئي. فوجي وردي پائي رائفل ڪڍو دين ۽ ملت جي حفاظت جي لاءِ جان قربان ڪرڻ جي تربيت حاصل ڪريو“

(روزنامہ ”آزاد“ لاهور، ۲۸ نومبر ۱۹۴۹ء صفحو ٻيو)

پاڪستان جا رهنماؤ

جيڪڏهن پاڪستان کي صحيح معنيٰ اسلامي سلطنت بڻايو ويو تہ ياد رکو اسلامي سلطنت ۾ ڪو بہ انسان ڏکيو نہ هوندو. هي سلطنت غيور ۽ بهادر مجاهدن ۽ درويشن جو ڳوٺ هوندو. ڪير بہ اسلام جو دشمن پاڪستان ڏي ميري اک کڻي ڏسڻ جي جرئت نہ ڪري سگهندو. “اسلامي پاڪستان” ۾ مسئلا جيڪڏهن هوندا تہ دين جي برڪت سان پنهنجو پاڻ ئي ختم ٿي ويندا ۽ مستقبل بہ پريشان ڪندڙ نہ هوندو.

يقين سان الله تعاليٰ صحيح نيتن واري جي مدد ڪندو آهي. بهتان هڻڻ کان پاسو ڪريو نہ تہ الله تعاليٰ جي آڏو جوابدار هوندؤ. عزت، ذلت، موت، حياتي سڀ الله تعاليٰ جي اختيار ۾ آهي. شيطان کي شڪست ڏيو ۽ الله تعاليٰ جا فوجي بڻجي وڃو. پوءِ ڏسو ڇا ٿو ٿئي. اقتدار جي لاءِ ڪوڙا واعدا نہ ڪريو. اقتدار جي ڪرسي صفا بي وفا آهي. مرڪي مرڪي اهڙي انداز ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ وارا خوشامدي جيڪي سچا نظر اچن ٿا اهي هميشہ ڪوڙا ۽ خود غرض هوندا آهن. الله تعاليٰ انهن کان پاڪستان کي محفوظ رکي.

(نواب افتخار حسين ممدوٽ سان ڳالھہ ٻولہ. ملتان ١٩٥٠ء)

سياسي ۽ شهري حقن کان نه، اليڪشن کان دستبرداري

ڪي ماڻهو هڪ غلط فهمي ۾ ڦاٿل آهن تہ مجلس احرار اسلام جيئن تہ اليڪشن ۾ حصو وٺڻ کان جدا ٿي وئي آهي. ان ڪري ملڪي معاملن ۾ هاڻي دخل اندازي نہ ڪندي.

ڇڻ ان جو مطلب هي آهي تہ اسان مري ويا آهيون، يا اسان ملڪ ڇڏي ڏنو آهي! نہ نہ ائين هرگز ڪونهي.

احرار جو وجود هميشہ تاريخ ۾ رهندو. افرنگ جي سياست کان فريب کاڌل قيدي ڪن کولي ٻڌن!

اسان پنهنجي ملڪ ۾ پنهنجي حقن کان هرگز پاسيرا نہ آهيون ۽ نہ ئي ملڪ ۾ رهندي ڪو بہ شريف انسان ائين ڪري سگهندو تہ هو شهريت جي حقن کي زائل ڪري ڇڏي. پاڪستان اسان جو ملڪ آهي ۽ هتي اسان کي هڪ آزاد شهري جي حيثيت سان رهڻو آهي. ڳالهہ ڪرڻي آهي، صحيح رستو ڏيکارڻ ۽ غلط رستي کان روڪڻ آهي. آس پاس جي مسئلن ۽ حالتن کان چشم پوشي ڪري سگهون ٿا نہ ئي لا تعلق رهي سگهون ٿا. هن ملڪ جي نهڙ ۾ اسان جو رت ۽ ست لڳو آهي. اسان کي سيني ملڪي معاملن تي پنهنجي راءِ جو اظهار کلم کلا ڪرڻو آهي. سياست، معيشت ۽ تجارت ۾ حصو وٺڻو آهي ۽ ملازمتن ۾ پنهنجو حق بہ وٺڻو آهي. اسان جا ٻار تعليم هتي ئي حاصل ڪندا ۽ تعليم کان پوءِ ملازمت بہ سندن بنيادي حق آهي. ملڪي

معاملن ۾ اسان جو بہ ايترو دخل هوندو جيترو ڪنهن ٻئي ڪي ٿي سگهي ٿو. اسان پنهنجو حق شهريت پورو پورو استعمال ڪنداسون ۽ ڪنهن بہ قيمت تي ان تان هٿ ڪڍڻ وارا نہ آهيون.

احرار جو قافلو بيٺو نہ آهي، اسان فقط جدوجهد جو رخ بدلايو آهي. هي ضروري نہ آهي تہ هميشہ سول نافرماني، ڊائريڪٽ ايڪشن يا اليڪشن جي ذريعي پنهنجا حق ورتا وڃن بلڪ نهايت ئي پر امن رهندي ۽ ٻين معقول ذريعن سان بہ هي حق وٺي سگهجن ٿا. مجلس احرار اسلام ڪي هاڻي ملڪي سياست ۾ نئين حڪمتِ عمليءَ سان هڪ اهم ڪردارادا ڪرڻو آهي.

خطاب: تحفظ ختم نبوت احرار ڪانفرنس، باغ لانگي خان ملتان،٦ صفر ١٣٧٠ھ /نومبر ١٩٥٠ء
صدارت: حضرت مولانا احمد علي لاهوريؒ
("خطباتِ امير شريعت" ، جانباز مرزا، صفحو ٩٥،٩٦)

قوم جو فيصلو قبول

هند جي ورهاست تي مسلم ليگ ۽ احرار جو اختلاف هو. پر هي اختلاف دلين جو نه آهي، سوچن جو هو. اسان ديانت داريءَ ۽ سچائيءَ سان اختلاف ڪيو. عقل ۽ فڪر جي روشنيءَ ۾ جدا رستو اختيار ڪيو. مسلم ليگ به سچي دل سان هڪ ذهن ٿي ٻئي رستي تي هلندي رهي. قوم هڪ کي قبول ڪيو ۽ ٻئي کي رد ڪيو. اسان قوم جو فيصلو مڃيو ڇو ته شريف ماڻهن جو اهو ئي ڪم هوندو آهي.

مسلم ليگ جنهن پاڪستان کي حاصل ڪرڻ لاءِ سيني جماعتن کي مٿايو هاڻي انهن کي ختم ڪري ڇا ڪرڻ چاهيو ٿا؟ لکين انسانن جي جانيون قربان ڪري واهگه جي ٻئي پاسي نڪاڻو ناهيو اٿؤ. هاڻي ڪهڙو ارادو آهي؟ ان کان اڳتي ته ڪو به نڪاڻو ڪونهي. بي اعتمادي صحيح ڪونهي، وقت جي نزاڪت کي سڃاڻيو ۽ اعتماد کان ڪم وٺو. الله ڪري دشمن ڪمينو نه هجي.

(انجمن حمايت اسلام لاهور جي ائانوي سالاني اجلاس کي خطاب، ۳۰ اپريل ۱۹۵۱ء)

صدارت: ميان ممتاز محمد خان دولتانه (وزير اعليٰ پنجاب)

(هفت روزه "نظام نو" سرگوڌا، ۱۲/ ۱۹۵۵ء)

("نودراتِ امير شريعت" سيد منظور احمد شاه حجازي صفحو۵۹)

ليگ سان اختلاف ۽ اتفاق

هند جي ورهاست کان اڳ ليگ سان اسان جا تمام گهڻا اختلاف هئا. اسان قوم جي اڳيان پنهنجو نظريو پيش ڪيوهو. ليگ بہ پنهنجو نظريو پيش ڪيوهو. قوم ليگ سان اتفاق ڪيو ۽ ليگ قوتِ حاڪمہ بڻجي وئي. ان جي مقابلي ۾ مقابلي واري پارٽي نہ رهي. اسان هر حال ۾ رعيت بڻجي وياسون. اسان منڍ کان ئي ملڪي معاملن سان گڏ ڪجھ ديني مقصد رکيا هئا ۽ هاڻي بہ رکون ٿا. موجوده صورت حال ۾ انهن ديني مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي ڪا بہ صورت ٿي سگهي ٿي نہ بڌايو؟ جيڪو ٽيڙو هو سو ٿي ويو ۽ هاڻي ڪنهن بہ صورت ۾ ان کي مٿائڻ قومي هلاڪت ۽ تباهي آهي. حالتن جي ٺيڪ ٿيڻ کان انڪار ڪونهي، اهو بہ اسان ڪري رهيا آهيون پر مخالف بڻجي نٿا ڪريون. هن وقت ۾ هن مرزائيت جي فتني جي مقابلي ۾ جيڪا ڪاميابي حاصل ٿي رهي آهي، اها ڪاميابي هڪ ٻئي جي تعاون سان ٿي آهي. ليگ جي مخالفت في نفسہ ڪو خير جو ڪم نہ هو نہ آهي. ڪنهن وڏي مقصد لاءِ مخالفت ۽ موافقت معنيٰ رکي ٿي. فرنگي دور ۾ اختلاف با معنيٰ هو. هاڻي اتفاق سان ئي حالتن جي ٺيڪ ٿيڻ جي اميد ٿي سگهي ٿي. نہ تہ سرخ پوش، انجمن وطن ۽ ٻيون جماعتون ڪيستائين پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي رهيون آهن.

غريب الديار
سيد عطاء الله بخاري
(٢٥/ جون ١٩٥١ء)

(مولوي نذير حسين مرحوم، صدر مجلس احرار اسلام پنو عاقل، سکر جي نالي خط)
(ماهنامہ "نقيبِ ختم نبوت" ملتان، "امير شريعت نمبر" ڊسمبر ١٩٩٢ء جلد پهريون، صفحو٧٦، ٧٧)

تحفظ ختم نبوت جي لاءِ مسلم ليگ جي حمايت

ملڪ جي آزادي هڪ مقصد هو ۽ ان جي حاصل ڪرڻ جا تمام گهڻا ذريعا هئا. اسان سڀني قومن جي عمل سان شريڪ ٿيڻ مناسب سمجهندي انگريز سان جنگ جاري رکي. آخر ڪار اهو مقصد اسان جي جدوجهد جي ڪري ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ پورو ٿي ويو ۽ ملڪ آزاد ٿي ويو.

ائين ئي تحفظ ختم نبوت جو مسئلو اهم ترين مقصد آهي. دين جو سڄو نظام انهيءَ هڪ ئي مدار ۽ محور تي هلي رهيو آهي. ان جي حاصل ڪرڻ جا به گهڻا ذريعا آهن. جڏهن اسان فيصلو ڪيو آهي ته اڳتي پنهنجي سرگرمين کي تبليغي مقصدن جي لاءِ وقف ڪري ڇڏينداسون، هاڻي ان سلسلي ۾ جيڪو ماڻهو يا جماعت به اسان سان تعان لاءِ تيار هجي، اسان به ان سان سهڪار ڪنداسون. اسان کي پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ جيڪو ذريعو به اختيار ڪرڻو پيو ان کان پوئتي نه هٽنداسون.

مجلس احرار اسلام جا ڪارڪن پنهنجي پوزيشن کي سمجهن. اڄ مختلف جماعتن ۾ پاڻ ۾ جهڳڙا اصولن جا نه آهن، هي پائرن جي جنگ آهي، جيڪا ملڪيت جي ورهاست تي ڪئي وڃي ٿي. مجلس احرار اسلام ان جنگ ۾ شريڪ نه ٿيندي. اسان مسلم ليگ جي مخالفت نه ڪنداسون. جيڪڏهن مسلم ليگ جي حمايت سان

مرزائيت تي ڪاپاري ڌڪ لڳي تہ اهو نقصان جو سودو ڪونهي. جڏهن مسلم ليگ مرازائين کي غير مسلم اقليت قرار ڏيندي تہ اها احرار جي عظيم الشان فتح هوندي.

احرار جا ڪارڪنو! ختم نبوت جي ڪم کي معمولي ڪم نہ سمجهو. هي هڪ عظيم مقصد آهي. ان جي حاصل ڪرڻ لاءِ سيني کي گڏ وٺي جدوجهد ڪندا رهو. ڪاميابي اوهان کي ئي ملندي. (ان شاء الله)

(احرار اسلام پنجاب ۾ خطاب، ٢٨ جنوري ١٩٥١ء(روزنامہ "آزاد" لاهور، ٣٠ جنوري ١٩٥١ء)

اسلامي حڪومت ڇو ڦٽ ڪونهي؟

ڪي مرده دل ماڻهو اعتراض ڪندا آهن ته هن دور جي جديد حالتن ۾ اسلامي نظام صحيح نه رهندو.ان جوهڪ دلچسپ مثال ڪجهه هن طرح آهي ته هڪ قابل درزي هڪ ماڻهو جي جسماني عضون جي موافق قميص تيار ڪئي. اوچتو ان ماڻهو کي فالج ٿي ويو. عضون جو تناسب به ختم ٿي ويو. هڪ هٿ اڳيان ڏگهو ٿي ويو ۽ ٻيو پويان ننڍو ٿي ويو. ڇيلهه ڇٻي ٿي وئي. سينو اندر هليو ويو ڄنگهون ڦري ويس هاڻي اهو ماڻهو درزيءَ تي اعتراض ڪري ته ان قميص صحيح نه ناهي آهي. اوهان ئي انصاف ڪريو ته قميص صحيح نه آهي يا اهو ماڻهو بد بخت پاڻ اَن فٽ ٿي ويو آهي.

جيڪڏهن انسان پنهنجي فطرت جي مطابق رهڻ ۽ جيئڻ چاهي ته اسلام کان وڌيڪ سٺو ٻيو قانون حيات ۽ نظامِ حڪومت ڪونهي.

اسلامي نظامِ حڪومت تي اعتراض ڪندڙؤ! اصل ۾ اوهان جي وات جو ذائقو بخار جي ڪري ڪڙو ٿي پيو آهي ۽ اوهان کي مٺي شيءِ به ڪڙي لڳي ٿي. دوا ۽ خوراڪ ڪڙي نه هوندي آهي، بلڪ اوهان جي وات جو ذائقو خراب آهي.

(ملتان ١٩٥٨ء)

(فرموداتِ امير شريعت، حڪيم مختار احمد الحسيني، صفحو٦٢)

(ماهنامه “نقيب ختم نبوت” ملتان، “امير شريعت نمبر” ڊسمبر ١٩٩٢ء جلد پهريون، صفحو ١٧٥)

چشم پوشي

اوهان منهنجي باري ۾ جيڪو وٽي سوچيو. مسلمانن جو شعار ٿي ويو آهي تہ هو برائيون جي عقاب جي اک سان چوندبيندا ۽ صبا جي رفتار سان پکڙين ٿا. ڪڏهن نيڪين کي بہ ڏسندا ڪريو! اوهان جون فطرتون ان سان خوبصورت ٿيندیون وينديون. عيبن تي پردو وجهڻ، معاف ۽ درگذر ڪرڻ ۽ چشم پوشي ڪرڻ الله تعاليٰ جي صفت آهي. اوهان بہ چشم پوشي ڪندا ڪريو.

(هفت روزه "چٽان" لاهور، بياد اميرِ شريعت، سالنامہ جنوري ١٩٦٢ء)

وفاداريءَ جا طالب

مون جيڪو ڪجهہ ڪيو، الله ۽ سندس رسول ﷺ لاءِ ڪيو. مون کي هڪ پل لاءِ بہ پنهنجي ڪنهن حرڪت تي پشيماني ڪونهي. منهنجو دماغ غلطي ڪري سگهي ٿو پر منهنجي دل ڪڏهن غلطي نہ ڪئي آهي. مون کان وفاداريءَ جو ثبوت گهرڻ وارن کي اڳ ۾ الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول ﷺ کي پنهنجي وفاداريءَ جو ثبوت ڏين.

آئون انهن ماڻهن مان ناهيان جيڪي هي صدا ڏيندي ڦرن ٿا تہ اسان وفاداريءَ جي توشي لاءِ ڦرون ٿا. منهنجي آڱر جهلي پاڻ سان گڏ وٺي هلو ۽ جنهن مقتل ۾ گهرو مون کي ذبح ڪري ڇڏيو ائين ڪڏهن بہ نہ ٿي سگهندو، هرگز نہ ٿيندو. آئون خوش آهيان، منهنجي خوشي جي ڪا حد ئي ڪونهي تہ هن ملڪ مان انگريز نڪري ويو. آئون دنيا جي ڪنهن بہ حصي ۾ سامراج کي نٿو ڏسي سگهان. آئون ان کي قرآن ۽ اسلام جي خلاف سمجهان ٿو.

آئون انهن ماڻهن مان بہ نہ آهيان جيڪي انساني ضمير جي سوداگري ڪن ٿا. آئون ان ماڻهوءَ کي اس ۽ ڇانو جو اولاد سمجهان ٿو جيڪو قوم کي وڪڻي ملڪ سان غداري ڪري ۽ جنهن ديڳڙيءَ ۾ کائي ٿو ان ۾ سوراخ ڪري ڇڏي.

مون فقط هڪ الله جي اڳيان جهڪڻ سکيو آهي. آئون انهن ماڻهن جو وارث نہ آهيان جن دربارن جون چائنٽون چٽيون آهن. آئون انهن جو وارث آهيان جيڪي شهادت جي رستي ۾ پنهنجي جان کي ترِيءَ تي رکي هلن ٿا. مون جيڪو ڪجهہ چيو ان تي منهنجو ضمير مون کي ڪڏهن بہ هڪ پل جي لاءِ طعنو نٿو ڏئي. الله تعاليٰ شاهد آهي مون ڪجهہ بہ پنهنجي ذاتي مفاد لاءِ نہ ڪيو آهي.

(هفت روزه ”چٽان“ لاهور، بيادِ امير شريعت، سالنامہ جنوري ١٩٦٢ء)

پاڪستان جي حفاظت

هي ٺيڪ آهي تہ اسان مسلم ليگ جي رٿيل پاڪستان جي مخالفت ڪئي هئي. اسان جيڪو صحيح سمجهيو اهو ئي چيو ۽ اهو ئي ڪيو. اسان جو ضمير ان تي مطمئن هو اڄ بہ شرمنده نہ آهيون.

هاڻي پاڪستان ٺهي ويو آهي. هي اسان جو وطن آهي ۽ اسان کي هن حقيقت کي مڃيندي ان جي تعمير ۽ خدمت ۾ لڳي وڃڻ گهرجي.

هي زمين جو ٽڪرو اسان اڻ ڪٿ قربانين کان پوءِ حاصل ڪيو آهي. تيرهن سؤ سالن ۾ اڄ تائين ڪنهن آزادي جي لاءِ ايتري قيمت نہ ڏني جيتري قيمت اسان کي ڏيڻي پئي آهي. هاڻي ان ڳري قيمت واري ملڪ کي هر قيمت تي بچائڻ جي لاءِ اسان کي تيار رهڻ گهرجي.

آئون ڪنهن کان مرعوب نہ ٿيو آهيان بلڪ کلم کلا چوان ٿو تہ وطن جي دفاع لاءِ تيار ٿي وڃو ۽ جيڪو وطن جو غدار آهي ان کي ان غداري ڪرڻ جي سزا ڏيڻ گهرجي.

پاڪستان هيسيل دل مسلمانن جو آواز آهي. پاڪستان ٺهڻ تي اسان جا سڀ اختلاف ختم ٿي ويا. پاڪستان اسان جو وطن آهي، ان جي سلامتي، ان جي ترقي ۽ خوشحالي جي لاءِ اڻ ٿڪ محنت اسان مان هر هڪ جو ايمان هجڻ گهرجي.

(لاهور، ١٩٣٨ء)

پاڪستان ڪنهن چئن پتين واري جاءِ جو نالو ڪونهي. جيڪڏهن اسان جي زندگي ڪجهہ خواهشون گهري ٿي تہ پاڪستان بہ اوهان سان ڪجهہ تقاضا ڪري ٿو. جنگ سٺي ڳالهہ ڪونهي، پر جڏهن ڳچيءَ ۾ پئجي وڃي تہ پوءِ مقابلو ڪرڻ ضروري ٿي ويندو آهي.

جيڪڏهن پاڪستان تي جنگ مسلط ڪئي وئي تہ "پوڙهو بخاري" بہ دشمن جي مقابلي ۾ ميدانِ جنگ ۾ موجود هوندو. منهنجي خواهش آهي تہ بستري جي بدران ميدانِ جنگ ۾ پنهنجي جان الله تعاليٰ جي حوالي ڪري ڇڏيان.

(دفاعِ پاڪستان احرار ڪانفرنس، موچي دروازه لاهور ١٢/آگسٽ ١٩٥١ء)
(زيرِ صدارت : خليفہ شجاع الدين، اسپيڪر پنجاب اسيمبلي)
("حياتِ اميرِ شريعت"، جانباز مرزا، صفحو٣٣٦، ٣٣٧)

منهنجا ڏينهن ۽ رات انهيءَ خواهش ۾ گذرن ٿا تہ منهنجي قوم هڪ مظبوط قلعو بڻجي وڃي. جنگ هجي يا نہ هجي اوهان کي هر حال ۾ پاڪستان جي دفاع جي لاءِ تيار رهڻ گهرجي. الله تعاليٰ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان اوهان کي هڪ نعمت ڏني آهي هاڻي ان جي بي قدري نہ ڪريو.

(روزنامہ "آزا" لاهور، ٢٧/ ١٩٥١ء صفحو اول)

١٩٤٧ء کان اڳ اسان جي پوزيشن ٻي هئي ۽ ١٩٤٧ء کان پوءِ هاڻي اسان جي پوزيشن ٻي آهي. اڳ ۾ اسان انگريز جا غلام هئاسون. هو حاڪم هو اسان محڪوم هئاسون. هو محافظ هو ۽ اسان ان جا ٻانہ ٻيلي هئاسون ۽ غلاميءَ جي ان دور ۾ انگريزي محافظت جي ڪري گهڻو ڪجهہ بي فڪر هئاسون ۽ اهو سڀ ڪجهہ فقط اسان سان ئي خاص نہ هو بلڪ هر غلام قوم ائين ئي ٿي ويندي آهي پر هاڻي اسان آزاد آهيون. هاڻي اسان جو محافظ انگريز ڪونهي بلڪ اسان پاڻ آهيون. هاڻي هي ملڪ اسان جو آهي ۽ اسان ان جا مالڪ آهيون. هاڻي پوليس بہ اسان آهيون، فوج بہ اسان آهيون، حاڪم بہ اسان آهيون ۽ محافظ بہ اسان آهيون.

هاڻي اسان کي پنهنجي حيثيت ڏسڻ گهرجي ۽ تبديل ٿيل حالت سان گڏ پنهنجي فڪر کي تبديل ڪرڻ گهرجي. اسان جي سرحد فقط هڪ ڪونهي. سرحد فقط هندستان سان گڏ ڪونهي اسان جي سرحد ايران سان بہ آهي، افغانستان سان بہ آهي ۽ سرحد چا هوندي آهي؟

جپان ۾ آمريڪا جي ڪھڙي سرحد اسان سان ملي ٿي. جرمن ۾ برطانيہ جي ڪھڙين سرحدن سان ملي ٿي. هي خيال نہ ڪريو تہ جنگ جو خطرو فقط سرحدي ملڪن سان آهي.

هاڻي اسان آزاد آهيون ۾ منهنجو يقيني رايو آهي تہ آزاد ملڪ جو ڪو بہ دوست نہ هوندو آهي. آزاد ملڪ تي چئني پاسن کان نظرون هونديون آهن. هر حريص، هر لالچي، سون ۽ چانديءَ جو بکيو زمين جو بکيو. آزاد ملڪ تي حريصانہ نظر وجهندو آهي.

هي نہ سوچيو تہ اسان جون سرحدون اگھاڙيون پيون آهن. سرحدون ڪپڙن سان نہ بلڪ رت سان ڍڪبيون آهن. جتي مجاهدن جو رت ڪرندو آهي اتي سرحد بڻجي ويندي آهي ۽ جڏهن رت وهندو آهي تہ اهو اڳتي وهندو رهندو آهي، پوئتي موٽندو ڪونهي.

اوهان هي نہ سوچيو تہ اسان جي فوج ڪيتري آهي ۽ ڪھڙي آهي؟ هي خيال نہ ڪريو تہ اسان وٽ هٿيار ڪيترو آهي ۽ ڪھڙو آهي؟ هي اسان جي ذميواري نہ آهي. اسان جي ذميواري هي آهي تہ پنهنجي فڪر کي تبديل ڪريون ۽ وقت جي ضرورت جي مطابق سرگرم عمل ٿي وڃون. هي منهنجو مشورو ئي ڪونهي بلڪ مستقل نظريو آهي تہ فقط فوج ئي ڪنهن ملڪ جي عوام کي نٿي بچائي سگهي ۽ نہ وري ڪنهن ملڪ جي شڪست ۽ فتح جو سجو دارو مدار فوج تي آهي بلڪ ڪنهن ملڪ جي عوام ۽ ان ۾ رهندڙ قوم تي آهي. بزدل قوم کي بهادر کان بهادر فوج بہ بچائي نٿي سگهي ۽ بهادر قوم کي بهادر کان بهادر لشڪر بہ مغلوب نٿو ڪري سگهي. اوهان ڪنهن هنڌ ڏهہ هزار ڪنڌن جو ڳوٺ آباد ڪريو ۽ پوليس ان جي حفاظت جي لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو تہ ڇا پوءِ اوهان سمجهو ٿا تہ پوليس ان جي حفاظت ڪري سگهندي. آئون تہ چوان ٿو پاڻ پوليس ئي ٿورن ڏينهن ۾ اهڙي ٿي ويندي ۽ اهي مردن وارا ٽاٽا عورتن جا ٽاٽا بڻجي ويندا.

يقين ڪريو تہ حڪومت جي رعيت نڪمي هجي تہ ان کي بهتر کان بهتر فوج بہ بچائي نہ سگهندي. فوج تہ فقط ان قوم کي بچائي سگهندي جنهن جا ڏهہ مري جان ڏيندا تہ چاليہ ان جي جڳهہ وٺڻ لاءِ تيار

ٿي ويندا.

زنده رهڻ واري قوم جو هي جذبو ئي اهڙي حالت ٿي ويندي آهي. آئون اوهان کان اهو ئي گهران ٿو. اسلام اهو ئي گهري ٿو. قرآن اهو ئي گهري ٿو. بزدل ۽ قربانيءَ جي جذبو کان عاري قوم جي حفاظت نٿي ڪري سگهجي. بهادر کان بهادر فوج ۽ بهتر کان بهتر هٿيار ڪنهن بزدل قوم کي نٿو بچائي سگهي. ليڪن دلير قومون بهادر کان بهادر فوجن کي دسي ڇڏينديون آهن.

(خطاب: احرار ختم نبوت ڪانفرنس، ڪراچي، ١٩٥١ء)

پاڪستان اسان هزارين ڀينرن، نياڻين ۽ لکين جوشيلن نوجوانن جو ڇلڪندڙ رت پيش ڪري حاصل ڪيو آهي. ساڍا تيرهن سؤ سالن جي انساني تاريخ ڪٿي ڏسو ڪو به سودو ايترو سستو نه ڪيو ويو پر هاڻي ان جي حفاظت اهڙي طرح ڪرڻي پوندي جهڙي طرح تمام گهڻي قربانيون ڏئي ڪري هي ملڪ حاصل ڪيو آهي. آئون اوهان جي مقابلي ۾ جيتوڻيڪ پوڙهو ٿي چڪو آهيان پر باطل کي ختم ڪرڻ لاءِ منهنجي رڳن ۾ هاڻي به رت ڊوڙي رهيو آهي.

(روزنامه آزاد لاهور، ڇهريون آڪٽوبر ١٩٥١ء صفحو)

اوهان منهنجي مشوري کي خود فروشي جو نالو نه ڏيو. منهنجو مشورو هارائي ويو ۽ ان کهاڻي کي اتي ئي ختم ڪري ڇڏيو. پاڪستان جڏهن به پڪاري، الله تعاليٰ جو قسم آئون ان جي ذري ذري جي حفاظت ڪندس. مون کي هي ايترو ئي پيارو آهي جيترو ڪو پيو دعويٰ ڪري سگهي ٿو. آئون ڳالهين جو نه عمل جو ماڻهو آهيان. ان طرف ڪنهن ميري اک ڪٽي ڏٺي ته ان جي اک ڪڍي ويندي، ڪنهن هٿ ڪنيو ته اهو هٿ ڪٽيو ويندو. آئون ان وطن ۾ ان جي جي عزت جي مقابلي ۾ پنهنجي جان کي پيارو نٿو رکان نه اولاد کي منهنجو رت ڇهريون به اوهان جو هو ۽ هاڻي به اوهان جي آهي.

(دفاع پاڪستان احرار ڪانفرنس لاهور ١٩٥٢ء)

مرزائين جوعقيدو آهي تہ موجوده ملڪي تقسيم غلط آهي. هي تقسيم ختم ڪرائڻ ۾ ٻنهي ملڪن جو هڪ ٻئي سان اختلاف ختم ڪرائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندا. ان عارضي تقسيم کي ڪنهن نہ ڪنهن طرح ختم ڪيو ويجي ۾ هندستان کي ٻيهر ساڳيوئي هندستان بڻايو ويندو جيڪا آزادي هڪ لک مائرن، ڀينرن جي عزت ۾ آبرو قربان ڪري، لکين مسلمانن جورت وهائي ۾ هڪ ڪروڙ مسلمانن جي گهرن کي ويران ڪرڻ کان پوءِ حاصل ڪئي وئي آهي. ان کي عارضي آزادي سمجهندڙ ملڪ ۾ ملت جو بدترين دشمن ناهي تہ ٻيو ڇا آهي؟

اوهان ئي ٻڌايو تہ ڇا اسان جون هي قربانيون عارضي آهن؟ ڇا اسان ملڪ ۾ قوم جي اهڙي غدار ۾ اهڙي ملڪي ۾ ملي غداريءَ کي برداشت ڪري سگهون ٿا؟ اهڙي طرح ناموسِ محمد ﷺ تي ڌاڙو هڻندڙ نبي ڪريم ﷺ سان ڪليل بغاوت ڪري پنهنجي پاڻ کي نبي سڏائيندڙ ۾ ان ڪوڙي ۾ چال باز نبي جي امت اسلامي سلطنت پاڪستان ۾ اهڙي طرح اسلام، محمد ﷺ ۾ قرآن جي خلاف تبليغ ڪري تہ اسان ان کي ڪيئن برداشت ڪري سگهنداسون.

هي ڳالهہ پاڪستان جي آئين ۾ هاڻي ضرور اچڻ گهرجي تہ پاڪستان ۾ اسلام کان سواءِ ڪنهن بہ ٻئي مذهب جي تبليغ ڪرڻ حرام آهي. ملڪ اسلام جي نالي تي ورتو ويو آهي ۾ تبليغ مرزائيت جي؟ بلڪل ائين آهي جو پاڪستان بہ قومي نظرئي جي بنياد تي جدا ملڪ بڻايو ويو آهي. هاڻي جيڪڏهن پاڪستان ۾ قائد اعظم جي بدران گانڌي تعريف ڪئي وڃي ۾ مسلم ليگ جي بدران ڪانگريس جي حڪومت جي لاءِ ڪوشش ڪئي وڃي تہ جيئن هي هڪ مڪمل بغاوت آهي، تيئن پاڪستان ۾ ڪنهن بہ ڌرم، مذهب ۾ ازم جي تبليغ اسلام ۾ پاڪستان سان غداري ۾ بغاوت جي برابر آهي.

(خطاب: احرار ختم نبوت ڪانفرنس، چوڪ يادگار پشاور. ١٩٥٢ء)

پاڪستان مون کي هر شيءِ کان وڌيڪ پيارو آهي

“اسان ڏهه لک مسلمانن جو رت ڏئي ۽ هڪ ڪروڙ مسلمانن کي بي گهر ڪري هڪ آزاد وطن حاصل ڪيو آهي. ان جي آزادي هر شيءِ کان وڌيڪ آهي. اسان پاڪستان کي هڪ مظبوط ملڪ ڏسڻ چاهيون ٿا، جيڪو داخلي ۽ خارجي دشمنن کان محفوظ هجي.

ان ملڪ جي واحد نمائنده جماعت مسلم ليگ آهي. جنهن اڄ کان چاليه سال اڳ هڪ نعرو هنيو هو مسلمانن جي سربلنديءَ جو. هوريان هوريان هڪ دور اهڙو آيو جو مسلم ليگ اعلان ڪيو ته هو هن برصغير ۾ مسلمانن جي لاءِ هڪ آزاد وطن گهري ٿي، ان ۾ شڪ ڪونهي ته مجلس احرار ان نظرئي سان ديانت داريءَ سان اختلاف ڪيو. اسان جڏهن هي سمجهيو ۽ محسوس ڪيو ته قوم هڪ فيصلو ڏئي ڇڏيو آهي ۽ اهو فيصلو آهي پاڪستان قائم ڪرڻ جو ته اسان هن مطالبي جي اڳيان هٿيار ڦٽا ڪيا.

هي وطن جنهن جي مٽيءَ جو هر ذرو مون کي پيارو آهي. ان جي آزادي، سلامتي ۽ استحڪام ايمان جو حصو آهي. پاڪستان جي آزادي جي لاءِ ڪروڙين عطاء الله شاه بخاري قربان ڪري سگهجن ٿا، پر آئون هي برداشت نٿو ڪري سگهان ته منهنجي وطن جي آزادي کي ڪو نقصان پهچي. آئون سمجهان ٿو ته هاڻي جڏهن ته پاڪستان ٺهي چڪو آهي ان جي حفاظت هر مسلمان جي ايمان جو حصو هجڻ

گهرجي. آئون پاڪستان کي داخلي دشمنن کان محفوظ ڪرڻ جو هر قيمت تي عزم ڪري چڪو آهيان. اسان هي برداشت نٿا ڪري سگهون تہ ڪو ٽولو اڪنڊ ڀارت جو نعرو هڻي پاڪستان جي حدن ۾ آباد رهي سگهي. خارجي دشمن جو مقابلو ڪري سگهجي ٿو پر داخلي دشمنن جي شرارت جي هوندي هي سمجهڻ تہ اسان محفوظ آهيون، نهايت ئي بي وقوفي آهي. ملڪ ۾ امن ۽ امان، خوشحالي، فلاح ۽ بهبود، استحڪام ۽ سربلندي جي لاءِ اسان حڪومت جي ڀرپور حمايت ۽ بنا شرط جي مدد ڪندا رهنداسون."

(خطاب: لاهور، روزنامہ "زميندار" لاهور، ٢١/ جولائي ١٩٥٢ء، صفحو پهريون)

اسلام ۽ پاڪستان جا غدار

حڪومت جو فرض آهي تہ پاڪستان جي دوست ۽ دشمن ۾ پرک ڪري، جيڪي ماڻهو نبي ڪريم ﷺ جا وفادار نہ آهن اهي پاڪستان جا وفادار ڪيئن ٿي سگهندا؟ مرزائين نبي ڪريم ﷺ جي ذات اقدس ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جي تعليم جي مقابلي ۾ غلام احمد قادياني جي شخصيت ۽ ان جي ڪوڙي نبوت جو بت بيهاري ڇڏيو آهي. آئون چوان ٿو هي مرزائين جي سياسي حڪمتِ عملي آهي. مذهب سان انهن جو ڪو بہ تعلق ڪونهي. هي پنهنجي سياسي حڪمتِ عمليءَ سان اقتدار تي قبضو ڪرڻ گهرن ٿا. انگريز هندستان مان ويندي ويندي مسلمانن تي هڪ آلہءِ ڪار گروهہ کي مسلط ڪري ويو آهي. گهڻي وقت کان آرزو آهي تہ مرزا بشير الدين محمود سان مقابلو ٿئي، مون کي اميد آهي تہ اهو مون کي ڏسي مسلمان ٿي ويندو. پر ان جو ڇا ڪجي جو هو سامهون اچڻ کان ڪڪو ٿئي ٿو.

اڄ پاڪستان هڪ اهڙي خطرناڪ دور مان گذري رهيو آهي، جنهن ۾ هڪ غدار بہ نهايت ئي هاجيڪار ثابت ٿي سگهي ٿو ۽ هتي تہ ظفر الله کان وٺي الله دتہ جالنڌري تائين سيئي دين، ملڪ ۽ ملت جا غدار آهن.

”فرقان بٽالين“ جو جهڳڙو مرزا بشير الدين محمود جو اکنڊ ڀارت وارو خواب اهڙيون واضح ڳالهيون آهن، جيڪي انهن جي غداري تي شاهد آهن.

حڪومت جو فرض آهي تہ هو ملڪ جي انهن غدارن کي اهڙي عبرت ناڪ سزا ڏي جيئن انهن جا ايندڙ نسل بہ ڇرڪي وڃن ۽ معلوم ڪن تہ ملڪ جي غدارن جو هي حشر ٿيندو آهي. پوءِ غدار بناسپتي نبي هجي يا ان جا جا نشين مولانا گرامي کھڙو نہ سنو ڇيو آهي.

الا اے قادیانی، طفل مکتب

کہ خوانندت بشیرالدین محمود

(ڪراچي. ٢٨/ جنوري ١٩٥٣ء)

قادياني برطانيه جا پچ ڪٽيل ڪتا

اوهان ناموسِ رسالت ﷺ جو تحفظ ڪريو. آئون اوهان جا ڪتا پالڻ لاءِ تيار آهيان. آئون اوهان جا سوئر چاريندس. آئون چوان ٿو مسلم ليگ پاڪستان ٺاهيو ملڪ تقسيم ڪرايو هي ملڪ انجمن احمديه نه ٺاهيو آهي. مرزا محمود ۽ سردار ظفر الله جو پاڪستان سان ڪهڙو تعلق؟ هي پچ ڪٽيل برطانيه جا ڪتا اڄ پاڪستان ۾ پونڪي رهيا آهن اسان انهن جي غداري هرگز برداشت نه ڪنداسون. ۽ پاڪستان کي مرزائي اسٽيٽ ٺاهڻ نه ڏينداسون.

(موچي دروزاه، لاهور. ١٧/ فيبروري ١٩٥٣ء)

پاڪستان جي جسم جو سياسي ناسور

“ختم نبوت جو مسئلو ايمان جي جان ۽ قرآن جو روح آهي. جيڪڏهن مسلمان ختم نبوت جي عقيدي کان تر جيترو به هيڏي هوڏي ٿي وڃن ته پوءِ نه محمد ﷺ جو فرمان باقي رهي ٿو ۽ نه وري الله تعاليٰ جي تقديس باقي رهي ٿي. جنهن تي حضرت آدم عليه السلام کان وٺي نبي ڪريم ﷺ جن تائين سڀ نبي سڀڳورا متفق آهن.

مرزائيت انهيءَ روح تي، قرآن ۽ اسلام جي جان تي مرتدانه وار آهي. آئون انهن جي پاڙپٽڻ کي مسلمانن جي لاءِ فرض بلڪ پيٽو فرض سمجهان ٿو ۽ پنهنجي زندگي جي آخري گهڙي به ان تي لڳائي ڇڏيندس. هي پاڪستان جي جسم جو سياسي ناسور آهي. جيڪڏهن ان جي آپريشن نه ڪئي وئي ته هي سڄي جسم کي تباهه ڪري ڇڏيندو.”

پاڪستان جو مستقبل

هڪ وقت اهڙو هو جڏهن هندستان تقسيم ٿي رهيو هو. اسان چيو ائين تقسيم نہ ڪريو. ائين ڪرڻ سان مسلمان بہ تقسيم ٿي ويندا ۽ ٽن حصن ۾ ورهائجي ويندا. اسان کي نظرئي تي اختلاف ڪونهي پر نقشي تي اختلاف آهي. ان جي جواب ۾ چيو ويو تہ اسان تہ ائين ئي تقسيم ڪنداسون. پوءِ اسان کي گاريون ڏنيون ويون ۽ غدار چيو ويو.

هڪ وقت ايندو جڏهن اهي ئي ماڻهو ٻيهر ملڪ تقسيم ڪندا ۽ ملڪ کي ٽوڙي ساهہ پٽيندا. تڏهن اسان چونداسين ائين نہ ڪريو پاڪستان بچايو. اسان بي شمار قربانيون ڏئي پاڪستان حاصل ڪيو آهي، ان جو قدر ڪريو. پر هي ماڻهو پنهنجو ڏوهہ قبول ڪرڻ بدران اسان کي گاريون ڏيندا ۽ غدار چوندا. اسان کي پهريون بہ برو چيو ويو ۽ ان وقت بہ برو چوندا. هي ماڻهو ڪنهن قيمت تي اسان جي وجود ۽ اسان جي نظرئي کي مڃڻ لاءِ تيار ڪونهن.

مون کي پاڪستان جو مستقبل خطرن ۾ ورتل نظر اچي رهيو آهي. اسان هوا جو رخ جنهن پاسي ڏٺو هو توهان ان جي ابتڙ ڏسندؤ. قادياني پنهنجي اکنڊ ڀارت جي عقيدي کي عملي شڪل ڏيڻ گهرن ٿا. جيڪڏهن ائين ٿيو تہ هي تاريخ جو وڏو ظلم هوندو. الله تعاليٰ پاڪستان جي حفاظت فرمائي.

(ملتان، سيپٽمبر ١٩٥٨ء مجلسي گفتگو. روايت: پروفيسر سيد محمد وڪيل شاهہ)

تنهنجو علاج نظر ڪان سواءِ ٻيو ڪجھ ڪونهي

هي ڪهڙو فتنو ٿي رهيو آهي؟ موسيقي تعليم جي نصاب ۾ شامل ڪئي وڃي ٿي. چيو وڃي ٿو تہ :"موسيقي روح جي گندگيءَ کي صاف ڪري ٿي." مون کي ڊپ آهي تہ موسيقي گندگيءَ ڪان سواءِ سچي روح کي ئي بيڪار نہ بڻائي ڇڏي. شهزادا تڏهن ئي بگڙجي پوندا آهن جڏهن عالمن کان منهن موڙيندا آهن. سچ چيو آهي اقبال:

ترا علاج نظر کے سوا کچھ اور نہیں

هي تعليم جو ڪهڙو نظام آهي، جيڪو بي چيني ڪان سواءِ ڪجھ بہ نٿو ڏئي سگهي. جيڪو قوم جي نياڻين کي نچائڻ تي زور ڪري رهيو آهي، علم گهٽ حرص گهڻو آهي. پبلسٽي تي زور ڏنو وڃي ٿو، ڪميني شريف جو ڪڙتو پاتو آهي.

اسلام پنهنجي هڪ نئين دنيا پيدا ڪري ٿو ۽ پنهنجي جدا سڃاڻپ رکي ٿو. اسلامي معاشري ۾ ماڻهوءَ جو سماجي مرتبو رنگ نسل، دولت وغيره سان نہ بلڪ ڪردار سان معلوم ٿيندو آهي.

(روايت: ظفر اقبال سليم، مضمون: سيد ضمير جعفري)

("امير شريعت جو هڪ خط"، اردو ڊائجسٽ، ڊسمبر ١٩٨٣ع، شمارو١٢، جلد ٢٣)

"اسان کي دنيوي اقتدار جي ڪا بہ تمنا ڪونهي. الله جي آڏو سرخرو حاضر ٿيڻ چاهيون ٿا.

الله تعاليٰ پاڪستان کي اندروني ۽ ٻاهرين سازشن ڪان محفوظ رکي."

مجلس احرار اسلام کان پابندي ختم ٿيڻ کان پوءِ پرچم ڪشائي
جي موقعي تي عام جلسي کي خطاب. ملتان، ٥/ سيپٽمبر ١٩٥٨ع
(هفت روزه "چٽان" لاهور، ٦/ آڪٽوبر ١٩٥٨ع)

نتيجو اوهان جي اڳيان آهي!

نبي ڪريم ﷺ جو فرمان آهي:

اِذَا وُسِدَ الْاَمْرُ اِلٰی غَیْرِ اَھْلِهٖ فَانْتَظِرُ السَّاعَةَ

“جڏهن حڪومت نا اهل ماڻهن جي حوالي ڪئي وڃي تہ قيامت جو انتظار ڪريو.”

(بخاري شريف)

پاڪستان ۾ توهان اسلام جو سياسي نظام تہ رائج نہ ڪري سگهيا ۽ غيرن جو جيڪو نظام اختيار ڪيو آهي ان سان بہ انصاف نہ ڪيو اٿؤ. ان جون خوبيون ڇڏي ۽ برائين کي شعار ڪري ڇڏيو تہ نتيجو سڀني جي اڳيان آهي.

(ملتان ١٩٥٨ء)

وارث شاھ جو پاڪستان

زندگيءَ جي آخري ڏينھن ۾ مختلف خيال جا ماڻھو جن ۾ اعليٰ آفيسر سرڪاري عھديدار، وزير، سياسي اڳواڻ ۽ صحافي بہ شامل ھئا، شاھ صاحب وٽ اچي ملڪ جي حالتن تي ڏک ڪندي ۽ سندن راءِ معلوم ڪري ھئاتہ شاھ صاحب جن فرمائن ٿا:" وارث شاھ جن بہ ھڪ پاڪستان ٺاھيو آھي"

ھي چئي ھو چئي پٽ تي لڳل ھڪ فريم ڏانھن ڏيان ڪندي ۽ ان ۾ لکيل وارث شاھ جا شعر پڙھيا:

وارث شاھ جو پاڪستان

زندگي جي پوين ڏيھاڙن ۾ حضرت امير شريعت جن وٽ مختلف خيالن جا ماڻھو ايندا ھئا، جنھن ۾ اعليٰ سرڪاري عھديدار، وزير، سياسي اڳواڻ ۽ صحافي شامل ھئا. جيڪي اچي ملڪ جي حالتن تي افسوس ڪندا ۽ سندن راءِ معلوم ڪندا ھئا، شاھ صاحب جواب ۾ فرمائيندو ھو تہ: "وارث شاھ بہ ھڪ پاڪستان ٺاھيو آھي" اھو چئي سامھون ھڪ فريم ۾ لڳل ڪجھ شعر پڙھي ٻڌائيندا ھئا.

- ڪير ڪندہ ۽ ڪيرڻي جي رکوالي ٻُکيئي کي ڏنائون. ۽ رشتي جوڙڻ لاءِ ان کي موڪليائون جنھن جي پنھنجي گھرواري فوت ٿي چڪي ھئي.
- جنھن (دوا) کي زھر ختم ڪرڻ لاءِ گھرايائون، معلوم ٿيو تہ اھو زھر ھو. (جنھن کي مَڻ سمجھي زھر ختم ڪرڻ لاءِ گھرايائون اھو خود زھر ھو)

- پنهنجي گهر کي برباد (ويران) ڪرڻ لاءِ، جڻ اهي ڪم انهن پاڻ ڪيا.
- ڪِولين ماڪوڙين اڳيان سرهن جو ڍير رکيائون ۽ ڪُڪڙين اڳيان ڀِڳل ان کي سُڪائڻ لاءِ رکي ڇڏيائون.
- گدڙ کي گدرن جو چوڪيدار بڻايائون، اُٺ کي ڇپائون تون باغ ۾ ٻوٽا لڳائي اچ.
- پني مان ٻيڙي ناهي، باندر کي ملاح بڻايائون ۽ نابين کي چيائون تون وڃي هُن پار پهچائي اچين.
- چور کي خزاني جو چوڪيدار مقرر ڪيائون ۽ چور کي ئي چيائون تہ (چوري ٿي وئي آهي) چور کي هٿ ڪري اچ.
- ڪٽڪ جي ڪري (ڍير) تي گڏھ کي رکوالو مقرر ڪيائون ۽ نابين کي خط لکائڻ لاءِ موڪليائون.
- عقل شعور موڪلائي ويا ڇو تہ باز کي شڪار ڪرڻ لاءِ جيڪو گوشت جو ٽڪرو ڏيکاريو ويو اهو ئي باز کي ڏئي ڇڏيائون.

پاڪستان ۾ ڇا ڇا ٿيندو؟

علامہ انور صابري مرحوم برصغير جو مشهورشاعر ۽ مجلس احراراسلام جو رهنماءُ هو. ان جي سياسي شعرن تحريڪِ آزادي کي زبردست طاقت پهچائي ۽ آزادي جي ڪارڪنن جو حوصلو وڌايو. اهي شعر مجلس احرار جي جلسن جي جان هئا.

هتي هڪ ان جو هڪ انقلابي شعرجيڪو ان انتخاب جي موقعي تي ڇپيو هو ۽ هزارن جي تعداد ۾ شايع ٿي تقسيم ٿيو. تڏهن تحريڪ پاڪستان پنهنجي عروج تي هئي. ٦٢ سال اڳ ان شعر ۾ جن خدشن جو اظهار ڪيو اهو اڄ حقيقتن جي صورت ۾ اسان جي اڳيان آهي.

قلندر هر چہ گويد ديده گويد

چوڏاري ميخانہ هوندا. (ڪچهرين ۾) شراب جا پيالا پيا ڦرندا.

ظالمن جي تراران جي هيٺان مذهب اسلام جي ديوانن جا سر هوندا.

نئين ماحول ۾ وعظ ختم رڳو افسانا ۽ غزل پيا هلندا.

پاڪستان ۾ ڇا ڇا ٿيندو؟

بک جي باھ وسامندي ڪانہ سچائي ۽ مسڪيني ساڳي ئي رهندي.

مٿجي نہ سگهي آهي، مٿجي بہ ڪانہ سگهندي ان ماٺهو ڪان جيڪو دولت ۽ ڌن ڪان سڪشت کائي چڪو هجي.

پاڪستان ۾ دولت مهانگي غربت سستي ٿيندي.

پاڪستان ۾ ڇا ڇا ٿيندو؟

تخت ۽ تاج جا جشن آسمان تائين وڃي پهچائيندا.

مذهب جي چادر اوڍي (مذهبي ماڻهو بڻجي) مذهب جون پاڙون پيا پٽيندا.

علي جي اولاد جا دشمن بڻجي شمر جا پٽ بڻجي راج ڪندا.

پاڪستان ۾ ڇا ڇا ٿيندو؟

ڌارين سان سنگت رکندا پنهنجن کي ڪو پنهنجو ڇوڙ لاءِ تيار نہ ٿيندو.

غريب جي رت مان ميڻ بتيون ٺاهي ٻاريندا. عيش عشرت جا ميخانہ آباد ٿيندا.

پاڪستان ۾ ڇا ڇا ٿيندو؟

هر ڪا دل الله جي ياد جي لڱل زخم کان خالي هوندي. پنهنجي پالڻهار ڏٺي کان (گهٽن جو منهن ڦريل هوندو) پنيرا هوندا.

ايمان جي ٻيڙي ٻڏل رهندي. ڪناري سان ٽڪرائيندڙ طوفان مڙني کي ٻوڙي ڇڏيندو.

انسان جي شڪل ۾ انسان ئي انسان جو قاتل هوندو.

پاڪستان ۾ ڇا ڇا ٿيندو؟

پيسي ڏوڪڙ وارن جي عزت هوندي. سُجن ۽ مسڪينن جي مار ڪُٽائي ٿيندي.

محبت ۽ پيار وارن جي بي عزتي ٿيندي. نفرت ۽ ڌڪار اوج تي هوندو.

پردي دارمائر پينر. گهر جي سونهن ۽ سوڀيا واريون. بازارن ۽ محفلن جي زينت بڻيل هونديون.

مٽي جي چوٽيءَ کان ويندي پير جي ترِيءَ تائين رڳو دغا ۽ دوکو هوندو.

پاڪستان ۾ ڇا ڇا ٿيندو؟